# منظر مهڪي ٿو

(شاعري)

محمد علي پٽاڻ

ڪونج اڪيڊمي

# منظر مهڪي ٿو

شاعري

محمد علي پٺاڻ

ڪونج اڪيڊمي، ڪراچي

پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ڪتاب نمبر 214

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت کان سواءِ ڪتاب جو ڪو به حصو ڪاپي يا شايع نہ ٿو ڪري سگھجي.

# منظر مهڪي ٿو (شاعري)

شاعر: محمد علي پناڻ

ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 2021ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

ڪمپوزنگ: محمد امين ڪلهوڙو

لي آئوٽ: سيد آفاق شاھ

ٽائيٽل: ڪپتان ابڙو

قيمت: 250 رُپيا

ڇپيندڙ: ايڇ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي

ڇپائيندڙ: ڪونج اڪيڊمي ڪراچي

peacockpublishers@gmail.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

پيڪاڪ ڪتاب گھر

ڪراچي: 404 رفيق سينٽر، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ
فون نمبر: 0341-2570527، peacockbookhouse@gmail.com

حيدرآباد: دڪان نمبر 07 ويجھو ڪلو پڪوڙائي، عبرت پريس واري گھٽي، حيدر چوڪ رابطي لاءِ: ديدار شاد گوپانگ فون: 0304-3018400

لاڙڪاڻو: ويجھو لياقت ميڊيڪل اسٽور لاهوري محلو لاڙڪاڻو.
رابطي لاءِ: مهراڻ ڏامراهو فون: 0333-7503426

خيرپور: تهذيب نيوز ايجنسي پنج گل چونڪ، خيرپور ميرس.
رابطي لاءِ: عمران عباس، فون: 0308-3475569

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

پنهنجي سدا حيات دوست

**علي ڏني شر**

جي نالي

# سڃاڻپ

نالو: محمد علي پناڻ
والد جو نالو: حبيب الله پناڻ
والده جو نالو: عائشہ خاتون عباسي
ڄم جي تاريخ: 03 فيبروري 1962ع
ڄم جو هنڌ: لاڙڪاڻو
پرائمري تعليم: گورنمينٽ پرائمري اسڪول محلو غوث پور لاڙڪاڻو
سيڪنڊري تعيلم: گورنمينٽ پائليٽ هاءِ اسڪول، لاڙڪاڻو
انٽر: گورنمينٽ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻو
بي اي: سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، سنڌ
ايم اي : (سنڌي ادب) سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، سنڌ
شادي: 1987ع
اولاد: هڪ نياڻي روحي بانو پناڻ
لکڻ جي شروعات: 1974ع کان ٻارن جي لاءِ ڪهاڻين ۽ شاعريءَ کان
ڇپيل ڪتاب: اکيون آلا چنڊ (نثري نظم) 1988ع،
عاشورا آهن (شاعري) 1995ع،
اگهيا اوجاڳا (وايون) 2000ع،
ڀڳو آرس اکڙين (شاعري) 2001ع،
Fluttering Feelings (Poetry) 2011
translated by: Jam Jamali
مسافتون ياد جون (ڪوتا ناول) 2013ع
مسافتين ياد ڪي (اردو) ترجمو: ننگر چنہ
اڇي رات ڪارو چنڊ (ٽي وي ڊراما سيريز) 2016ع
مونکي آهہ اڻاريو (شاعري) 2016ع
ميندي لهڻ کان اڳ ۾ (ڪهاڻيون) 2016ع

وقت بيهي نٿو... (طويل نظم) 2018ع
سئو لفظ سئو ڪهاڻيون (ڪهاڻيون) (2018ع)
سامين سمر سور (ٽي وي ڊراما سيريل) (2018ع)
دنيا ڪان اڳتي (ڪهاڻيون) (2019ع)
جان جيئان تان پاڙيان (نظمَ) 2019ع
طوفان ۾ ڪڪائون گهر (ڪهاڻيون 2020ع)
تيسرا لباس: (اردو ترجمو: ننگر چنا) 2020ع
دنيا سي آگي: (اردو ترجمو: ننگر چنا) 2020ع
گهائي ٿي تنهائي (شاعري) 2020ع
اُميد جو ڪرڻو (ڪهاڻيون) 2021ع
Ray Of Hope
منظر مهڪي ٿو (شاعري) 2021ع

اڻڇپيل ڪتاب: طوفان ۾ جهونپڙي: (اردو ترجمو: ننگر چنا) منهنجو ڏک (سوانحي ڪٿا ناول)، مونکي ٻ وٺي هلو (ڪهاڻيون)، وقت جا ڪانٽا (ناول)، واٽ وڃائي جن (ناول)، ڏوٻي گهاٽ (ناول)، ٻنائي ۾ بلهيٰ شاهه جي ديس ۾ (سفرنامو)، وهڪرو (انفرادي ٽي وي ڊراما)، پَسي بازاريون (ڪالم)، انصاف (ٽي وي ڊراما سيريز)، ڏکِ دنگيِ هَل ناڪئا (ڪالم)، يادگريون سنپال (خاڪا)، ڏر تتي (ٽي وي ڊراما سيريل)، ڏکي ۾ ڏونگر (ڪالم)، اوڏر جي ماءُ ( استيج ڊراما)، منفرد ماڻهو (خاڪا)، اوجهڙ (ٽي وي ڊراما سيريل)، ٻاروچو پنيور جو ( انٽرويوز)، اٺون نڪاح (استيج ڊرامو)، اپي اياريام (مهاڳ ۽ ڪتابن تي ڪيل تبصرا)، اڪر جيائين جڙيا (مضمون ۽ اخباري فيچر)، تڪرار (ٽي وي ڊراما سيريل)، ڪاهيءَ جي وچ ۾ (ناوليٽ)، پنج ڪهاڻيون پنج ڊراما.

سهيڙيل ڪتاب: ڊاڪٽر بيگم اشرف عباسيءَ جي آتم ڪهاڻي

”جيڪي هلن هيڪليون“، سوپي گيانچنداڻيءَ جي آتم ڪهاڻي ”روشنيءَ جي پنڌ ۾“

تيليڪاسٽ ٿيل ڊراما سيريز:

انصاف (سنڌ ٽي وي 2004)، اڄي رات ڪارو چنڊ (ڪي ٽي اين 2005).

تيليڪاسٽ ٿيل انفرادي ڊراما:

وهڪرو (ڊائلاگن کان سواءِ)، قومي شاعر، بڪ بچڙو ٽول، پاڻيءَ جا شهيد، جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، همٿ، پنجوڙ (مرڪزي خيال رزاق مهر جي اسٽيج ڊرامي ايف آءِ آر تان ورتل) ڪاري ڪتي آهي (ڪهاڻي / امر جليل) ساڳيو ئي سوال (ڪهاڻي/ ايشور چندر)، انڌو خواب (ڪهاڻي / اخلاق انصاري)

اڻ تيليڪاسٽ ٿيل ٽي وي ڊراما:

ڏر ٽٽي (ڊراما سيريل)، هَٺُ (انفرادي ڊرامو)، بيوسي (انفرادي ڊرامو)، سامين سمر سور (ڊراما سيريل)، ٽوٽان بند ٻدا ٿيو (ڪهاڻي:امر جليل)، تڪرار (ڊراما سيريل)، پڙلاءُ (ڪهاڻي: امر جليل)

ڳايل شاعري: رحمان مغل (سرمد سنڌي)، بيدل مسرور بدوي، عاشق نظاماڻي، رحمت ميرالي، شبانہ ڪوثر، نظير سمون، شفيق منگي، محمد بچل عباسي، هادي بخش عباسي، پروان علي (مشتاق شيخ)، ممتاز شيخ (سهڻو شيخ)، نديم سومرو.

ايڊيٽر: ”ڏات“ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو ”مرڪ“ پبليڪيشن ۽ ماهوار ”ڪونج“، لاڙڪاڻو

نوڪري: اسسٽنٽ پروفيسر. گورنمينٽ ڊگري ڪاليج (بوائز) ملير، ڪراچي

رهائش: ماڊل ڪالوني، ملير ڪراچي.

سيل نمبر: 03003414407 – 03312291073

اي ميل: pathanmohammadali@gmail.com

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| ■ | مهاڳ | ادل سومرو | 9 |
| ■ | پيش لفظ | آڪاش انصاري | 13 |
| ■ | مختصر راءِ (انگريزيءَ ۾) | گل محمد عمراڻي | 16 |

## شاعري

| | | |
|---|---|---|
| ● | دوها | 17 |
| ● | بيت | 18 |
| ● | وايون | 34 |
| ● | گيت | 52 |
| ● | نظم | 53 |
| ● | آزاد نظم | 56 |
| ● | نثري نظم | 71 |
| ● | غزل | 78 |
| ■ | The Flame of Love! Prof. M. Hashim Solangi | I-II |

# مهاڳ

محمد علي پناڻ گهڻ رخو تخليقڪار آهي. هن جي نثر توڙي نظم تي هڪجيتري گرفت آهي. هو جنهن وقت بہ چاهي ڪنهن بہ صنف ۾ اظهار ڪري سگهي ٿو. ائين محسوس ٿيندو آهي تہ صنف هن لاءِ ڪوبہ مسئلو نٿي رکي. هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ بہ هن مڃتا ماڻي آهي. تازو سندس ڪهاڻين جو انگريزي ترجمو The Ray of Hope جي نالي سان شايع ٿيو آهي، جنهن کي محمد هاشم سولنگيءَ ۽ بين مترجمن سهڻي انداز سان ترجمو ڪيو آهي. ناول هجي يا ناٽڪ، محمد علي پناڻ ٻنهي صنفن سان سهڻو نباهيو آهي. جيڪڏهن سندس شاعري پڙهبي تہ هو هڪ پختي، تجربيڪار ۽ سگهاري شاعر جي روپ ۾ سامهون اچي ٿو. پڙهندڙ فيصلو نٿو ڪري سگهي تہ اهڙي سخنور کي ڪهڙي سڃاڻپ ڏئي. سائين قمر شهباز وانگر، محمد علي پناڻ جي سڃاڻپ جو بہ ڪو هڪ حوالو نٿو بيهي. هن کي تخليق سان جنون جي حد تائين انسيت آهي. سندس تخليقن ۽ شايع ٿيل ڪتابن جي جڏهن سندس عمر سان ڀيٽ ڪجي ٿي تہ ائين ٿو محسوس ٿئي تہ شعوري عمر جي ابتدا کان وٺي هيل تائين هن پنهنجي قلم کي ساهي پٽڻ نہ ڏني آهي. هر سال سندس ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. ڪتاب ڇپائڻ هن جي زندگيءَ جو ڄڻ اهم مقصد هجي. هن پنهنجي آمدنيءَ جو وڏو حصو ان مقصد لاءِ ارپي ڇڏيو آهي. هن سان جڏهن بہ ملڻ ٿيو آهي تہ ائين محسوس ٿيو آهي تہ هن ۾ هڪ بيچين روح جو واسو آهي، جيڪو هن کي ڪٿي بہ ٽڪ ٽڪڻ نٿو ڏئي. هو ڄڻ مسلسل هڪ جستجو ۾ آهي ۽ هن جو ڀڳهر ڪڏهن سڪو ناهي، اهوئي سبب آهي جو پنهنجي پيار کي بہ هو ٽڪل وقت ارپي ٿو جيڪو قبوليت نٿو ماڻي ۽ هڪ ڪوٽ محسوس ٿئي ٿي. ڇو تہ هر احساس ڀرپور شموليت چاهي ٿو. مٿاڇري رويي کي

متاڇري موت ملي ٿي.

ڪا گهڙي هڪ نويڪلي نہ ملي،
هوءَ ڪٿي ڪڏهن هيڪلي نہ ملي.

---

پنهنجي ڏڳ ۾ ڏسي،
ڏڳ متائي وئي.

مون پنهنجي هڪ نظم ۾ اهڙو اظهار ڪيو هو تہ ٽڪل ۽ فالتو وقت محبوبہ قبول نٿي ڪري، هوءَ بہ ڀرپور توجہ ۽ وابستگي چاهي ٿي. باقي نہ تہ محبت جي نالي ۾ ائين گذر سفر هلي ٿو.

محمد علي پنهور جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جا اڪثر موضوع اچي ويا آهن ۽ هو انهن کي بيان ڪرڻ جي مهارت ۽ آرٽ بہ رکي ٿو. فني اعتبار کان بہ هن جي تخليقن ۾ پختگي آهي.

هو ڪنهن بہ اظهار کي پنهنجي ٻوليءَ جي مهارت ۽ تخليقي صلاحيتن جي آڌار تي بيان ڪري سگهي ٿو. هن جي تخليق کي روشني، سنڌي ٻوليءَ جي سج، سائين شاهہ لطيف کان ملي ٿي، جنهن جو هو عاشق صادق آهي. ڪهڙي بہ سُر جو ذڪر نڪرندو محمد علي پنهور بيت ائين پڙهندو ويندو جڻ ڪچي ۾ سنڌو ڪاهي آيو هجي. شاهہ لطيف جو پانڌيئڙو آهي ۽ ڪيئي پنڌ هن انور پيرزادي جي ساٿ ۾ ڪيا. راتين جون راتيون جاڳي هن لطيفي فڪر جو واس ورتو، جيڪو سندس رڳ رڳ ۾ رت وانگر ڊوڙي رهيو آهي.

ڪورونا وارين حالتن جا سموري ديس تي گهرا سماجي ۽ معاشي اثر پيا آهن. هر انسان ڪنهن نہ ڪنهن طرح ڀوڳيو آهي. محمد علي پنهور لاءِ ٻين مسئلن سان گڏ روحاني ڀوڳنا اها بہ آئي تہ هن لاءِ شاهہ لطيف جي درگاهہ جا دروازا بند ٿي ويا، جتان هن کي احساساتي سگهہ ملندي هئي. هڪ عاشق لاءِ ان کان وڌيڪ ڪهڙو عذاب هوندو.

جيڪو اهائي طلب رکندو هو تہ:

غمن کي تازگي بخشي
اکيون لڙڪن سان تر رکجان
پلارا پٽ ڏٽي منهنجون

جڏهن محبوب سان رابطن جو جهان اجڙي وڃي تہ پوءِ مايوسيون وڪوڙي ويندیون آهن.

ڪرونا جي ڪري اڄ شاهہ
پٽ تنهنجيءَ کان
رنگ سارا
سنڌ ميلي ۾ مرڪن جا
کسيل آهن.

محمد علي پناڻ جو واسطو هڪ پورهيت گهراڻي سان آهي. ننڍپڻ ۾ هن تڪليفون ڏٺيون وڏي محنت ۽ جاکوڙ سان هن تعليم حاصل ڪئي. جواني هن جي حصي ۾ ڪانہ آئي. هو زندگيءَ جي ڪوري مان پچي نڪتو آهي، ان ڪري زماني جا غم هن کي لوڏي نٿا سگهن. طبقاتي سماج جي نا انصافين ۽ بدصورتين جو هو اکين ڏٺو شاهد آهي. ان ڪري سنڌس تخليقن ۾ ڪڙاڻ ۽ تلخيون وڏيڪ آهن. جنهن جو اظهار هن جي شاعريءَ جي سڀني صنفن، دوها، بيت، وايون، نظم، نثري نظم ۽ غزل ۾ جابجا ملي ٿو. ڪنهن زماني ۾ سنڌس بہ دوست رزاق مهر ۽ واجد هن جو سهارو ۽ اتساهہ هوندا هئا. لاڙڪاڻي جي اها ٽمورتي مشهور هوندي هئي. ٻن دوستن جو وڇوڙو نہ ٿيو، جڻ محمد عليءَ جي وجود جا حصا وڍجي ويا. ان کان پوءِ هو اسان کي اڌورو ۽ کٽل وجود محسوس ٿئي ٿو. خوش هوندي بہ ويڳاڻو لڳي ٿو. ٿهڪ ٿو ڏئي تہ بہ سڏڪو ٿو محسوس ٿئي. اهو آهي هڪ بيچين تخليقڪار، جيڪو هر پل چولين جان لچندو رهي ٿو.

هو جو تولاءِ ڪونہ ٿو جيئي،
ڪير ڪنهن لاءِ ڪونہ ٿو جيئي.

پيچرا ڪوڙهئا
تنهنجي پيرن جو مون ڏي
اچڻ لئي مگر
ڪوبہ
هڪڙو نہ هو.

---

مڪاري
وڏو مرض آ
۽ عجب آ اهو
پوري دنيا ۾
ان جي خاتمي لاءِ
اڃان دوا ڪابہ
تي ڪين ايجاد آ

تخليق جي ابتدا کان وٺي هن مجموعي ”منظر مهڪي ٿو“ تائين محمد علي پناڻ پنهنجي فڪري اظهار ۾ چٽو ۽ واضح آهي. هن جي شاعريءَ ۾ اهو سڀ ڪجهہ آهي، جيڪو زندگي ۾ آهي. هن جي تخليق جي اڏامر وقت سان گڏ اڃان اڳتي آهي.

**ادل سومرو**
حسين صالح هائوس
واري ٽڙ، سکر
13 جون 2021ع

# پيش لفظ

سائين محمد علي پنهور هڪ ڏينهن
حجت مان فون ڪري چيو آڪاش آءٌ
شاعريءَ جو ڪتاب پيو ڇپايان ان تي
مهاڳ توکي لکڻو آهي.
مونکي سائينءَ جي شاعريءَ جو اتو نہ پتو،
عرض ڪيو سائين توهان جون ڪجهہ
ڪهاڻيون ۽ ڊراما تي ويءَ تي ڏٺا اٿم،
وڏيڪ پنهنجو پروفائيل موڪليو تہ
ڪجهہ لکي مان سگهان
۽ جڏهن پنهنجو پروفائيل موڪليائون تہ
حيران ٿي ويس، ادب، ڊراما، ڪهاڻيون
جن جو نہ ڪو انت نہ بحر،
هيڏي ادب جي خدمتگاري
چرڻ تہ سالن ڪان هو سُتو ناهي
هن پنهنجو پاڻ کي ادب لاءِ
آهي ارپي ڇڏيو.
مون هن جا بيت پڙهيا
سموري لاڙ جي ٻولي
لهجو لاڙي ۽ هو اترادي!؟
۽ جڏهن غزل مون پڙهيا
ياد آيو وفا ناٿن شاهي
”ياد جا پنڇي اڏاڻا نيڻ آلا ٿي ويا
گهاءَ اکلي پيا پراڻا، نيڻ آلا ٿي ويا“
يا

”جيون جهوٽو گذري ويندس،
ڪڪ پن ٻڻجي اڏري ويندس.“
آءٌ بنيادي طرح نظم جو شاعر آهيان
چو تہ نظم جو ڪينواس وڏو آهي
جنهن ۾ رديف ڪافيي جي ڪابہ ضرورت ناهي
پر پنهنوار سائين جو نظم تہ پڙهو
”وسارڻ گهران ٿو،
اهي منظر سارا،
گهٽيون پيچرا
سنڌوءَ جا ڪنارا
مٿان جن جي پيرن جا
رهجي ويا اسان جا نشان...
وِسارڻ گهُران ٿو،
سوين قرب واريون
ڪچهريون سموريون
جنين ۾ سنڌءِ
ٺهڪڙن جي پڻيان
لڪل هئي مَڪاري
وِسارڻ گهُران ٿو...“
چا تہ درد جو احساساتي اظهار آهي
بهرحال هن جو پورهيو
سمورو پائنده باد
سائين محمد علي پنهوار
صدين تائين
سنڌ جي نئين نسل کي
سدائين رهندو ياد، شال ٻچڙن سميت خوش شاد هجي آباد

**آڪاش انصاري**

بدين

04-06-2021

# شاعري

Great spontaneity from a self actualised poet who is equal to many and better than the most .He is a gifted Kavi who is writing at his best despite many physical predicaments of Nature. His poetry has fragrance of Mohen jo Daro and essence of Indus Valley culture which distinguished poet cherishes in his heart . Felicitations and best wishes as ever from me.

**Gul Mohammad Umrani**

# دوھا

اڄ اڄ منهنجي اوڏڙو، هيئن نہ دور گُذار،
جيئري مونکي او مِني، رهي ڏور نہ مارِ!

—

تون ئي آهين زندگي، تون ئي منهنجو ساهُہ،
تو اکيون مون روشني، توريءَ آ اونداهَہ!

—

توبن ڪيئن جيئان، واهون راهون بندِ،
سِڪيُس تو نہ سِوا، گهُورڻ ڪنهن ٻي هنڌِ!

—

تيءُ نہ پري وڃ، اڄ، موتي مل مون سان،
تون ئي آهين مون، توريءَ ناهيان مان!

—

اڱڻ آئين تون، اُيري سج پيو،
ڦهلي ساوڪ دل ۾، مَن پکي اُڏريو.

—

شاهَہ، حُسنَ مارئيءَ ، پيت ڏني هئي جيئن،
اهڙو مک جو سنڌءِ ، آ وِڄُ وراڪو تيئن.

—

ڪنهن ٻي رستي ۾، جو پَسيمُ توکي،
سمجهيمُ قيد ڦِٽئين، دنيا جو دوکي.

## بيت

پاتو تو جو پيرُ، اڳڻ منهنجي اوچتو،
لتو مَن تان ميرُ، صدين مونجهه هتي وئي!

صدين مونجهه هتي وئي، اوجرُ تيو اکين،
توکي جيئن پَسِيُن، دل ۾ چيٽُ ڦُٽي پيو!

دل ۾ چيٽُ ڦُٽي پيو چوڏس تي چانڊاڻ،
توءِ بدن سرهاڻ، مَن کي مستُ ڪري وئي!

مَن کي مستُ ڪري وئي، سنڌءِ نئين چاهت،
اهڙي روحَ راحت، مون نہ ملي ڪا اڳهين!

مون نہ ملي ڪا اڳهين، راڻي، توسين رات،
باتِ منجهاران باتِ، ڦُٽندي باکَ ڦُٽي پَئي!

ڦُٽندي باکَ ڦُٽي پئي، ٻنهي دلين مان،
جيءُ جَڙيو جِن سان، ازلَ اَبَدَ کي گڏي!

ازلَ اَبَدَ کي گڏي، جيئڻ نئون تي پيو،
ساڙي خاڪِ ڪيو جنهن ساڙولن سوچ کي!

جنهن سارُولن سوچ کي، ڏني جيڏي سُجَ،
اوڏي پيتي اُجَ، پرت وڏائي پاڻَ ۾!

پرت وڏائي پاڻَ ۾، سمونڊن جيڏي،
ايڏي ئي ايڏي، وڌندي هر هڪ ساهه ۾!

وڌندي هرهڪ ساهه ۾، مني، ملندي سِڪَ،
پِن ملائي هِڪَ، جنهن بڻائي جانِ آ.

جنهن بڻائي جانِ آ، پِن مان هِڪُ ڪري،
شل سا ڪين ٽري، مُندَ مٿانهُمِ مينهَن جي!

مُندَ مٿانهُمِ مينهَن جي، رهي سدا ايئن،
اسان جاني جيئن، ڪينَ جُدا ٿِيَئُون ڪڏهين!

ڪين جُدا ٿِيَئُون ڪڏهين، ڪنهن پِي وِڪَ تي پاڻَ،
محبت جا مانداڻَ، جَرڪن هر پَل جيءَ ۾!

جَرڪن هر پل جِيءَ ۾، موتي مُرڪنَ جا،
ڪڏهين سُڏڪن جا، جارَ نہ وِجهون ڏارَ تي!

چاڙ نہ وِجهون ڏاڙ تي، پنهنجي جِيءَ متان،
جيئڻ نہ پوءِ ڪِتان، دنگو نڪرڻ جو ملي!

دنگو نڪرڻ جو مِلي، ڪنهن بہ نہ چاري ۾،
ڪُڪِڙن ڪاري ۾، جِيئَڻُون ڇو، سا زندگي!

جِيئَڻُون ڇو، سا زندگي، جنهن ۾ رَسُ نہ چَسُ،
ءِ نہ ڪوئي گَسُ، گل ڦل جو جنهن ۾ مِلي!

گل ڦل جو جنهن ۾ مِلي، ڏَسُ نہ، ڪو بہ پَتو،
تو ڇو آهہ وَتو، سو جَڳ جيئڻَ پيچرو!

سو جَڳ جيئڻَ پيچرو، نِٿَهَڻِ واري رَئي،
جنهن ۾ ڪِٿِ بہ نہ ٿَئي، چاهتَ وَڻَ جو چانورو!

چاهتَ وَڻَ جو چانورو، جيون جو آ ماڳُ،
سوئي ياڻءِ سياڳُ، پنهنجي هر هڪ ساهہ لئہ!

پنهنجي هر هڪ ساهہ لئہ، ڳولِ اُها سُرهاڻ،
چاهتَ جي چانڊاڻ، مَهڪي جنهن سان مَنَ ۾!

مَهِڪي جنهن سان مَنَ ۾، رستو سچ سندو،
ڪوڙ ۽ ڪَچُ گندو، اوڏي تيڻ ڪان اڳُ مَري!

اوڏي تيڻ ڪان اڳُ مَري، يارَ، نراسائي،
وِڪَ وِڪَ واڌائي، اُميدن جي ئي مِلي!

اُميدن جي ئي مِلي، مونکي جيئڻ جوتِ،
نہ تہ تيندس فوت، سندي پريتمَ پيچري!

سندي پريتمَ پيچري، جياپو آهي،
انهي ريءَ ناهي، ڪوئي جيئڻ آسرو!

ڪوئي جيئڻ آسرو، پرين، توبِن ناهِ،
سو مَنَ قَصَرُ ناهِہ، جنهن ۾ تون ۽ مان هُجون!

جنهن ۾ تون ۽ مان هُجون، بيو نہ ڪوئي،
کِلي ۽ روئي، پاڻ ئي پرچئون پاڻَ ۾!

پاڻَ ئي پرچئون پاڻَ ۾، وڏا تهڪ ڏئي،
ڪوبہ نہ وِچَ پئي، تو مون ريجهائي ڪڏهن!

تو مون ريجهائي ڪڏهن، روحن ڪي نہ ڀيو،
پَلُ سو ٻَن پيو، جو ايلاڙو ڀِئي ٿِئي!

جو ايلاڙو ڀِئي ٿئي، شالَ نہ ڏينهُن پَسان،
پل جان آنءُ ڪُسان، ڪنڌُ نہ اڳيان ڪنهن نِوي!

ڪنڌُ نہ اڳيان ڪنهن نِوي، سِوا تو سُپرين،
ڪاتئون پل ڪپين، يا ٻانهون ڪرين هاڙ مون!

يا ٻانهون ڪرين هاڙ مون، عمر يَرِ جي لاءِ،
يا پَل پنڌُ ڪراءِ، پرڪا ڪارڻ ڏونگرين!

پرڪا ڪارڻ ڏونگرين، سسئي مونکي ڪَرِ،
پَرَ نہ هيئن ٻَرِ ٻَرِ، بي رُخي تي مِلُ تون!

بي رُخي تي مِلُ تون، ڪڏهن نہ مون سان،
گهُگهُ انڌيرن ڪان، وَڏِ ييانڪ سا گهڙي!

وَڏِ ييانڪ سا گهڙي، مون لئہ تيندي آ،
بي رُخُ ڏيندي آ، دل جنهن جهيرَ پَلي جيان!

دل جنهن جهيرَ پَلي جيان، مليا وٽان تو،
جيئڻ ان کان پو، ياسي مونکي موت جان!

ياسي مونکي موت جان، جيون سارو يارَ،
ڪَرِ نہ مونکي ڌارَ، پَلُ بہ ڪڏهين پاڻ کان!

پَلُ بہ ڪڏهين پاڻ کان، ڌارَ نہ مورئون ڪَرِ،
سِرُ سدائين ڌَرِ، منهنجي ڪُلهي تي پرين!

منهنجي ڪُلهي تي پرين، ڌري پنهنجو ڪنڌُ،
نازن وارو پنڌُ، پوءِ ڪندو هَلُ يونءِ تي!

پوءِ ڪندو هَلُ يونءِ تي، پيرَ تي پيرُ ڌَري،
اهڙو پنڌُ ڪري، ماڳِ تون رَسنديءَ مِنٽَ ۾!

ماڳِ تون رَسنديءَ مِنٽَ ۾، صدين ماتِ ڏئي،
ايندئي ڪَيَ ڪَئي، ڪري قطارون سوجهرو!

ڪري قطارون سوجهرو، اوندهہ ڏيندا موٽُ،
جوڙي چِندُ سان هوٽُ، ٽڙندا گل گلابَ تي!

⁂

وقتَ سان وِکَ وَڏاءِ تون، پوئتي ڪَرِ نہ پيرَ،
روشنين جا سيرَ، پسبا آهن پنڌَ سان.

وقتَ سان وِکَ وَڏاءِ تون، ڳاءِ هلڻَ جا راڳَ،
روشنين جا ماڳَ، پسبا آهن پنڌَ سان.

وقتَ سان وِکَ وَڏاءِ تون، سوچَ اها ڪَرِ يارَ،
روشنين مينارَ، پسبا آهن پنڌَ سان.

وقتَ سان وِکَ وَڏاءِ تون، ووڙي ووڙ نَگَرَ،
روشنين شَهَرَ، پسبا آهن پنڌَ سان.

وقتَ سان وِکَ وَڏاءِ تون، هَلُ لتاڙي ڪوهَہ،
روشنين جا روهَہ، پسبا آهن پنڌَ سان.

وقتَ سان وِکَ وَڏاءِ تون، ڪاهي ساهَن ڏڙَ،
روشنين جا وَڙَ، پسبا آهن پنڌَ سان.

وقتَ سان وِکَ وَڏاءِ تون، جوڙ انهي سان ساهَہ،
روشنين درياهَہ، پسبا آهن پنڌَ سان.

واءُ مِر اُڏري آءُ، جلدي مُک پَساءِ،
ديرِ نہ مِنٿ بہ لاءِ، واءُ مِر اُڏري آءُ.

واءُ مِر اُڏري آءُ، تولئہ ماندو مَنُ،
توبن چينُ نہ ڪَنُ، واءُ مِر اُڏري آءُ.

واءُ مِر اُڏري آءُ، تو مِر مون مُرڪون،
وَرَ وَرَ جيءَ جَرڪون، واءُ مِر اُڏري آءُ.

واءُ مِر اُڏري آءُ، جيئن اکڙين جي جوتِ،
تئي نہ حوالي موتِ، واءُ مِر اُڏري آءُ.

واءُ مِر اُڏري آءُ، جيئڻ تئي سولو،
يَئہُ نہ پو پولو، واءُ مِر اُڏري آءُ.

واءُ مِر اُڏري آءُ، پوري ڪَرِ مون آسَ،
تو آئي اُجهندي تاسَ، واءُ مِر اُڏري آءُ.

واءُ مِر اُڏري آءُ، پَوي باکَ ڦُٽي،
وڃي راتِ کُٽي، واءُ مِر اُڏري آءُ.

واءُ مِر اُڏري آءُ، وَرنِ بَـــهـــارون،
مـوتـن مـهـكـــارون، واءُ مِر اُڏري آءُ.

واءُ مِر اُڏري آءُ، ٽِـــئـــي سـهــائـــي،
مَـــري اونـــداهـــي، واءُ مِر اُڏري آءُ

واءُ مِر اُڏري آءُ، وڏا ٿَـــهَـــڪَ ڏِجـــن،
ڪِـجـي، ڪَـرَ ڪِـجَـن، واءُ مِر اُڏري آءُ.

واءُ مِر اُڏري آءُ، پَـلِـٽـو ڪـائـي وقـتُ،
جيـونَ مـوٽـي بـخـتُ، واءُ مِر اُڏري آءُ.

واءُ مِر اُڏري آءُ، ٻـيـڙي جـيـئـن تَـري،
ٿـهـڪـن يـاڳُ وَري، واءُ مِر اُڏري آءُ.

واءُ مِر اُڏري آءُ، پـڪـي ٿـي مـون ڏي،
گـــوڏو گَـــڏِ گـــوڏي، واءُ مِر اُڏري آءُ.

واءُ مِر اُڏري آءُ، تـــو نـــه ٻِـنـا چـارو،
ٿـيءُ سـاهــه سَـهـارو، واءُ مِر اُڏري آءُ.

واءُ ۾ اُڏري آءُ، اُگھہُ اچي ڳوڙھا،
ساھہ ٽِيا سوڙھا، واءُ ۾ اُڏري آءُ.

واءُ ۾ اُڏري آءُ، جيئان جيئن جَڳ ۾،
دَمُ نہ ٽُٽي دَڳَ ۾، واءُ ۾ اُڏري آءُ.

واءُ ۾ اُڏري آءُ، ڪجي روحَ رِھاڻ،
دور ٿئي دل چڪتاڻ، واءُ ۾ اُڏري آءُ.

واءُ ۾ اُڏري آءُ، توريءَ ماندو ھان،
گُلَ جان آنءُ ٽِڙان، واءُ ۾ اُڏري آءُ.

واءُ ۾ اُڏري آءُ، ڏِسي نيڻَ نَرِن،
سپنا ساپيا ٿِين، واءُ ۾ اُڏري آءُ.

واءُ ۾ اُڏري آءُ، جُھومان آنءُ نَچان،
تو گڏُ ساھہ کڻان، واءُ ۾ اُڏري آءُ.

واءُ ۾ اُڏري آءُ، گڏجي سنڌ گھُمون،
پَلُ پي ڏارَ نہ ٿِيون، واءُ ۾ اُڏري آءُ.

واءُ ﻣﻬ اُڏري آءُ، ڪَري پَلايون پالَ،
رحمُ ڪَرِ مون حالَ، واءُ ﻣﻬ اُڏري آءُ.

واءُ ﻣﻬ اُڏري آءُ، راڻي، ريجهي تون،
خاڪِ ڪَرِ ناراضيون، واءُ ﻣﻬ اُڏري آءُ.

واءُ ﻣﻬ اُڏري آءُ، دِلِ تَرُ تِئي سائو،
ڏورِ تِئي ڏولائو، واءُ ﻣﻬ اُڏري آءُ.

واءُ ﻣﻬاُڏري آءُ، ڪَڏُ اَڄُ ڪُوري مان،
جيئن نه پو ڪامان، واءُ ﻣﻬ اُڏري آءُ.

واءُ ﻣﻬاُڏري آءُ، رَچَن رنگَ نوان،
مرندي هيئن نه جِيئان، واءُ ﻣﻬ اُڏري آءُ.

واءُ ﻣﻬ اُڏري آءُ، جهوري جيئن ڪُسي،
پَلُ نه دل رُسي، واءُ ﻣﻬ اُڏري آءُ.

واءُ ﻣﻬ اُڏري آءُ، ڪريون گَڏِ گَڏِ تي ڳالهيون،
جيئارِ خوشحاليون، واءُ ﻣﻬ اُڏري آءُ.

جاءِ ڏکن کي ڏي، جيءَ ۾ ٽيندئي سوجھرو،
ٻَن سُکن کي ڏي، جيڪي ڪَسِن ماڻھپو.

جاءِ ڏکن جي جوڙ، جيءَ ۾ ٽيندئي سوجھرو،
سُکن نندون ٻوڙ، جيڪي ڪَسِن ماڻھپو.

جاءِ ڏکن جي ناهِ، جيءَ ۾ ٽيندئي سوجھرو،
سُکن کي ڏي باهِ، جيڪي ڪَسِن ماڻھپو.

جاءِ ڏکن جي اَڏِ، جيءَ ۾ ٽيندئي سوجھرو،
سُکن ڳوٺان لَڏِ، جيڪي ڪَسِن ماڻھپو.

جاءِ ڏکن جي، گھارِ، جيءَ ۾ ٽيندئي سوجھرو،
سُکن تِن نہ نِھارِ، جيڪي ڪَسِن ماڻھپو

جاءِ ڏکن جي، رَهُہ. جيءَ ۾ ٽيندئي سوجھرو،
ڪَرِ سُکن کان پَئُہ، جيڪي ڪَسِن ماڻھپو.

جاءِ ڏکن جي وَٺُ، جيءَ ۾ ٽيندئي سوجھرو،
پانءِ سکن کي مَٺُ، جيڪي ڪَسِن ماڻھپو.

قــدر ڪــرڻ دوســتَ، سِــڪـيــو نــاهــيــن تــون،
مَنَ ۾ رکيئي "مُون"، دوستُ نہ تذهن ڪو تِيُئي.

قـــدر ڪـــرڻ دوســـتَ، مـــور نـــہ آيـــو تـــو،
ڪَيَئي "مُون مُون" جو، دوستُ نہ تذهن ڪو تِيُئي.

قـــدر ڪـــرڻ دوســـتَ، درس نـــہ ورتُـــئـــہِ جـــو،
"مون" جو وِردُ رکيو، دوستُ نہ تذهن ڪو تِيُئي.

قـــدر ڪـــرڻ دوســـتَ، پـــارُ وِجـــائـــڻ آ،
تو ۾ "مان مان" جا، دوستُ نہ تذهن ڪو تِيُئي.

قـــدر ڪـــرڻ دوســـتَ، مـــرڻُ بـــئـــي جـــي لـــئـــہ،
تو وٽ "مان مان" هَئہِ، دوستُ نہ تذهن ڪو تِيُئي.

قـــدر ڪـــرڻ دوســـتَ، "مـــان" نـــہ وِســـارڻُ آڌَ،
هِڪُ بہ هَلي ڪَڌَ، دوستُ نہ تذهن ڪو تِيُئي.

قـــدر ڪـــرڻ دوســـتَ، تـــولـــئـــہِ گـــهـــتـــتـــائـــي،
مُکَ تو "مون" چائي، دوست نہ تذهن ڪو تِيُئي.

❋

لاءِ پيار ضروري، روسامو، پرچڻ،
رِيءَ انهي جيئڻُ، بي رونق سنسارَ ۾.

لاءِ پيار ضروري، هَرِ پَل هيٺ تِيَڻُ،
پاڻُ مَتي پائڻ، بي رونق سنسارَ ۾.

لاءِ پيار ضروري، تِيَڻُ مِتي سِکُ،
رِيءَ انهي کو سُکُ، بي رونق سنسارَ ۾.

لاءِ پيار ضروري، نيڻَ تِمَڻُ هردم ،
رِيءَ انهي کو کَمُ، بي رونق سنسارَ ۾.

لاءِ پيار ضروري، وِچڙي پوءِ مِلَڻُ،
تي هيکل پتکڻُ، بي رونق سنسارَ ۾

لاءِ پيار ضروري، پريتم کي سارڻ،
يادِ بِنا جيئڻ، بي رونق سنسارَ ۾.

لاءِ پيار ضروري، قربَ نه کاڻ پَوَڻُ،
رِيءَ انهي جيئڻُ، بي رونق سنسارَ ۾.

ديرو تنهنجو دل ۾، ساهن ۾ آهين،
گَرِ ويجهو ناهين، ساڻُ سفر ۾ آنهِه سَدا.

ديرو تنهنجو دل ۾، آهين ساهن ۾،
دنيا راهن ۾، ساڻُ سفر ۾ آنهِه سَدا.

ديرو تنهنجو دل ۾، آهين مون سان گَڏُ،
جيئن پڙاڏي سَڏُ، ساڻُ سفر ۾ آنهِه سَدا.

ديرو تنهنجو دل ۾، ڌڙڪڻ سان گَڏُ آن،
ڌارَ نه آن مونکان، ساڻُ سفر ۾ آنهِه سَدا.

ديرو تنهنجو دل ۾، اکين ۾ پڻ تون،
ڌارَ نه آهين مون، ساڻُ سفر ۾ آنهِه سَدا.

ديرو تنهنجو دل ۾، وَلِ جيئن وڻن ۾،
رِڻن پَٽن ۾، ساڻُ سفر ۾ آنهِه سَدا.

ديرو تنهنجو دل ۾، تو مون ساهه وَسين،
گڏ پَلِ نه هُجين، ساڻُ سفر ۾ آنهِه سَدا.

گُلَ، ملـيـو تـنـهـنـجـو، گُـلَ جـو جـيـئـن تـحـفـو،
تَنُ ۾ مَنُ منهـنـجـو، خـوشـبـو خـوشـبـو تـي ويـو...

گُـلَ، مـلـيـو تـنـهـنـجـو، گُـلُ تـحـفـو تـي جـيـئـن،
تنهن پَل پانيمِ ايئـن، آنءُ سجـو ئـي بـاغُ هـان...

گُـلَ، مـلـيـو تـنـهـنـجـو، گُـلُ تـحـفـو تـي هـاڻ،
بـاغُ سـجـي سُرهـاڻ، مـون ۾ جـڙ اوتـي ڇـڏي...

گُلَ، مـلـيـو تـنـهـنـجـو، گُـلُ جـيـئـن تـحـفـو تـي،
جڙ ڪـا واءُ لـڳـي، اُپ مـان خـوشـبـويـون ڪـٽـي...

گُـلَ، مـلـيـو تـنـهـنـجـو، تـحـفـي ۾ جـو گُـلُ،
پـوپـٽـن ۾ هُـلُ، پـئـجـي ويـو آ اوچـتـو.

گُـلَ، مـلـيـو تـنـهـنـجـو، تـحـفـي ۾ گُـلُ يـارَ،
مَـنَ انـدر هُـبـڪـارَ، ڦـهـلـي جـڙ آ چـيـٺ جـي.

گُـلَ، مـلـيـو تـنـهـنـجـو، تـحـفـي ۾ گُـلُ پـاءُ،
خـوشـبـوئـن ڦـهـلاءُ، مَـنَ انـدر ۾ تـي ويـو.

(20 نوبر 2020ع تي محترم سائين اياز گل صاحب طرفان موبائيل فون تي ”گُڊ مارننگ“ جي ميسيج سان گڏ گُل جي موڪليل تصوير ڪان متاثر ٿي بيتن جي هيءَ سيريز لکي.)

# وايون

سائي ڪيت اندر، مرڪ اوھانجيءَ سان،
منظر مهڪي ٿو...
هِڪ نہ سئو ڀيرا، سَچُ ٿو آنءُ چوان،
منظر مهڪي ٿو...
ٻهڪي گُلَ ٽِڙيا، تنهنجي نظر منجهان،
منظر مهڪي ٿو...
وک وک سان گڏجي، ڪئميرا اک مان،
منظر مهڪي ٿو...
ساڻُ سنڌءِ ساهن، چڙ تہ ايامن ڪان،
منظر مهڪي ٿو...

ٻَڌُ سندروءِ ڪاهِہ،
نئون سج تنهنجي راهَہ تَڪي ٿـو...
دور ڏڪـاري نـفـرت، دلـيـن، پـيـاَر عـمـارت ٺـاهِـہ،
ٻَڌُ سندروءِ ڪاهِہ،
نئون سج تنهنجي راهہ تَڪي ٿـو...
سـاٿ سـچـي جـو، سـچ جـو سـارو، آسَـرُ تـو مِ آهِـہ،
ٻَڌُ سندروءِ ڪاهِہ،
نئون سج تنهنجي راهہ تَڪي ٿـو...
آدم ٻـڻـجـي آدم جـا تـون، ،صـديـن جـا ٿَـڪَ لاهِـہ،
ٻَڌُ سندروءِ ڪاهِہ،
نئون سج تنهنجي راهہ تَڪي ٿـو...
خاڪ ڪري جا ڪـوڙ ڪُـپـت ڪـي، اهـڙي ٻـارِ جُ ٻـاهِـہ،
ٻَڌُ سندروءِ ڪاهہ،
نئون سج تنهنجي راهہ تَڪي ٿـو...

ڪٽي سفاڪيون اڄ جون، ايڏو نہ اڳتي وڃ،
موٽ تون ماٺهوءَ ماڳَ ڏي...
بَمَ حوالي سمنڊ جي، ڪَرِ، بندوقون يَڄُ،
ايڏو نہ اڳتي وَڃُ،
موٽُ تون ماٺهوءَ ماڳَ ڏي...
جوڙ تو سڀ سان جيءُ، ماءُ ملهائي تَڄُ،
ايڏو نہ اڳتي وَڃُ،
موٽُ تون ماٺهوءَ ماڳَ ڏي...
موڙ هي ڦيٿو وقت جو، منٿون منهنجيون مَڄُ،
ايڏو نہ اڳتي وَڃُ،
موٽُ تون ماٺهوءَ ماڳَ ڏي...

مُـتِ مـان واريءَ جـيـان، وَهـيِءَ يـاَر، وَهـيِ،
آندو پيريءَ پنڈَ ۾.
ڪيـڏو تـڪـڙو تـيِ، سـورجَ هـيـئـن لَـهـيِ،
آندو پيريءَ پنڈَ ۾.
لـمـحـن ڪَـڪ پَـنَ ڇِـنءَ، هَـٿَ ۾ واءُ ڪَـهـيِ،
آندو پيريءَ پنڈَ ۾.
عُضِـوَنِ ڦِـلـهـڙو تـيِ، انـدَر مـنـجـهـ ڏَهـيِ،
آندو پيريءَ پنڈَ ۾.

هاڻي، هِنَ ئي پَل، آءُ، اَچي تون رَل،
عيدون اکڙين سان.
ياڪُرَ منجهه يَري، ٻَلُ مِلائي ٻَل،
آءُ، اَچي، تون رَل،
عيدون اکڙين سان.
خوشبوءِ وکيري، تيءُ چنبيليءَ وَل،
آءُ،اَچي تون رَل،
عيدون اکڙين سان.
عيدون اکڙين سان.
چيرُون چَمڪائي، منهنجي او مارُل،
آءُ، اَچي تون رَل،
عيدون اکڙين سان.

ويندي ويندي تو، مُرڪي ڏنو جو
گُلُ ٽِڙي پيو دل ۾.
تصور ۾ ايريو تتر جو پَرِڙڪو
گُلُ ٽِڙي پيو دل ۾.
خوشبودار مَحَلُ، تنهنجو ٽِيو سَپنو
گُلُ ٽِڙي پيو دل ۾.
تدڙي واءُ گهُلي، سوچون پنيرڪو
گُلُ ٽِڙي پيو دل ۾.
پيارُ ڪَنين گونجيو چيرِ ڪيو چَمڪو
گُلُ ٽِڙي پيو دل ۾.

ماندو آ مَنُ، وَرُ،
توبن پَلُ پَلُ صديون صديون...
آنءُ تڪوهان ڳولي توکي، سَيئي جهنگَ، جهَرُ،
ماندو آ مَنُ، وَرُ،
توبن پَلُ پَلُ صديون صديون...
اونداهي آ وِکَ وِکَ منهنجي، اَڄُ ڏيئو تي ٻَرُ،
ماندو آ مَنُ، وَرُ،
توبن پَلُ پَلُ صديون صديون...
وقتُ ڪُهاڙي ٻڌيو مون لئه، چوڏَرِ تاڪُن تَرُ،
ماندو آ مَنُ، وَرُ،
توبن پَلُ پَلُ صديون صديون...
سپنن جو تو ڪَکُ پَنُ اُڏري، طوفانن ۾ گهَرُ،
ماندو آ مَنُ، وَرُ،
توبن پَلُ پَلُ صديون صديون...

ڪنڌن پيرَ ڏَري،
عشق ڪري تو پنڌُ هِتي.
شوقَ جيا پي هر هر جيون، وَرَ وَرَ يارَ، مَري،
ڪنڌن پيرَ ڏَري،
عشق ڪري تو پنڌُ هِتي.
سَوَ ڪُنَ، ڪاتَ اُيا رسمن جا، ٻيڙو ڪيئن تَري،
ڪنڌن پيرَ ڏَري،
عشق ڪري تو پنڌُ هِتي.
ڏونگرُ اُج ٻـ اڳي وانگر تو، وينڌڙ ويلَ ڪري،
ڪنڌن پيرَ ڏَري،
عشق ڪري تو پنڌُ هِتي.
پيارُ ڪنڌڙ لئہ شل مون ڏرتيءَ، سُڪَ جو واءُ وَري،
ڪنڌن پيرَ ڏَري،
عشق ڪري تو پنڌُ هِتي.

"آنءُ" چڏيندين جي، ماڻهو پائيندئي،
سيني لائيندئي.
هيئن نـ هيڪل يَرَ، جهنگ رُلائيندئي،
ماڻهو پائيندئي،
سيني لائيندئي.
پَٿَ سان پَٿُ تيندين، سَوَ ڳُرڻَ ڳائيندئي،
ماڻهو پائيندئي،
سيني لائيندئي.
گهَتِ تِيَرڻَ سان جَڳَ، ويجهو آڻيندئي،
ماڻهو پائيندئي،
سيني لائيندئي.

آلين اڪرين سان،
ويندي توکي آنءُ ڏسان تو...
زر جي خاطر پيارُ ٽُڏِڙَ جو، منظر آ اڳيان،
آلين اڪرين سان،
ويندي توکي آنءُ ڏسان تو...
تڙپي تڙپي ڦٿڪي، دل ۾ ڪُسندي مان،
آلين اڪرين سان،
ويندي توکي آنءُ ڏسان تو...
عشق الڳ تي ساهن کي جڙ، ڏارَ ڪيو بُتَ ڪان،
آلين اڪرين سان،
ويندي توکي آنءُ ڏسان تو...
گُلَ لَتاڙي نينهن سندا تون، نِڪتينءَ باغ منجهان،
آلين اڪرين سان،
ويندي توکي آنءُ ڏسان تو...

غمن کي تازگي بخشي، اکيون لڙڪن سان تَرِ رکجانءِ،
ٻَلارا پٽ ڏٽي منهنجيون...
سدائين سورَ ۾ سوچون، پيو تون روشنيءَ رلجانءِ،
ٻَلارا پٽ ڏٽي منهنجيون...
اُڪاري رچنائن ٻيڙيون، تِي رهبر روح جو رهجانءِ،
ٻَلارا پٽ ڏٽي منهنجيون...
ڪڏي جهنگل مان راهون ڏئي، ڊِلايون سڀ ڍَڪي هلجانءِ،
ٻَلارا پٽ ڏٽي منهنجيون...
وَڃَن جي تو پِيون تارُون، انهن سان آڱريون گڏجانءِ،
ٻَلارا پٽ ڏٽي منهنجيون...

هاڻ نہ ھنجون ھارِ،
چو نہ سُجاتئي پَلَ پھرين ۾...
پٿر اک ۽ دل واري لئہ، ڳڻتين پاڻ نہ ڳارِ،
چو نہ سُجاتئي پَلَ پھرين ۾...
مُنھن ۾ ماکي، وِھہ اندر ۾، کُھَڻُ جنھنجي ڪارِ،
چو نہ سُجاتئي پَلَ پھرين ۾...
غم مان جيونَ، ڏيرج ڌاري، ٻيڙي پارِ اُڪارِ،
چو نہ سُجاتئي پَلَ پھرين ۾...
ڪونہ مري تو مَنُ جنھن تولئہ، تون بہ نہ مَنَ کي مارِ،
چو نہ سُجاتئي پَلَ پھرين ۾...

ويـجـهـو گُـذريـنءَ، ٿِـيُـسِ سـارو، مـعـطـر مـعـطـر مـان،
تون خوشبوءِ رابـيـل جـي...
توساهن سان، ساهن پنهنـجـي، مـان شـل سـاڻُ هُـجـان،
تون خوشبوءِ رابـيـل جـي...
تنهنجي ڳالـهـيـن جـي هـبـڪـارن، جـيـونَ ڳـوٺُ ٻَـڌان،
تون خوشبوءِ رابـيـل جـي...
واءُ اتـر ۾ تـولـئـ ڪـيـنـجـهـرَ، آنءُ هـنـدورو ٿِـيـان،
تون خوشبوءِ رابـيـل جـي...

گهر پت وينو ڪانءُ، آسَرِوندُ تِيُس آنءُ،
پيرَ پَري تون ايندينءَ مون ڏي...
تصور جي دنيا ۾ گُلُ تي، تِڙي رهيو آ هانءُ،
پيرَ پَري تون ايندينءَ مون ڏي...
وانگر چڻ تہ ڪِنجهي جئن منهنجو، وڃي پيو مَنَ تانءُ،
پيرَ پري تون ايندينءَ مون ڏي...
آهہ انوکو نيڻَ ڪٽي تو، موهڻ وارو ڏانءُ،
پيرَ پَري تون ايندينءَ مون ڏي...

تنهنجي مُنهن مَٺِيا،
مون مَنُ موهي مستُ ڪَيو آ...
هر ادا ۾ ٻاجهارو تون، ڪيڏيون آنءُ ڳَڻِيان،
تنهنجي مُنهن مَٺِيا،
مون مَنُ موهي مستُ ڪَيو آ...
سج، چنڊ، تارن جهڙا گفتا، مُنڊي، مون تہ وٺيا،
تُنهنجي مُنهن مَٺِيا،
مون مَنُ موهي مستُ ڪَيو آ...
قدم ڪٽڙ سان وڪ پيانيمِ، اُپَ مان قولَ چَٽِيا،
تُنهنجي مُنهن مَٺِيا،
مون مَنُ موهي مستُ ڪَيو آ...
تون پارس، تو صحبت جيڪي، سَچِيَئي، سون بَڻيا،
تُنهنجي مُنهن مَٺِيا،
مون مَنُ موهي مستُ ڪَيو آ...

منهنجي مَنَ جي هورا ڪورا، تنهنجي قدمن ساڻُ گڏيل آ،
ناهه خبر تون ايندينءَ ڪڏهين...
ٿهڪ تون ڏيندينءَ، ڳل چٽيندينءَ، دل جهوپو تولاءِ اڏيل آ،
ناهه خبر تون ايندينءَ ڪڏهين...
پنهنجي هٿڙن ساڻ تون اُگهندينءَ، ڳَل، تي جيڪو لڙڪ اُڙهلُ آ،
ناهه خبر تون ايندينءَ ڪڏهين...
آئيني، سو جُڙندو جهومي، جنهن ۾ پنهنجو عڪس ٽُٽَلَ آ،
ناهه خبر تون ايندينءَ ڪڏهين...

ڪَڪَرَ ڪڙڪيا اُپ ۾، تنهنجي آئي سارَ،
ڳوڙها ڳَلَ ڳڙي پيا...
ڦُڙ ڦڙ بوندن جي پنيان، جيئن وڏي وسڪارَ،
آئي تنهنجي سارَ،
ڳوڙها ڳَلَ ڳڙي پيا...
ڪِنوندي وِڄُڙِي جرڪ ڪري، دل مٺانهُم يارَ،
آئي تنهنجي سارَ،
ڳوڙها ڳَلَ ڳڙي پيا...
مينهن وسڻ ڪان پوءِ جا، پونءِ اُڏي هُبڪارَ،
آئي تنهنجي سارَ،
ڳوڙها ڳَلَ ڳڙي پيا...

جيڪو آهي اَج،
ڪيرُ سُڃاڻو تو پُڇي...
سُونهون ڪَرِ اُميد کي، مايوسين کان يَچُ،
ڪيرُ سُڃاڻو تو پُڇي...
ڪِلَ خوشيءَ ساز تي، جيونَ وک وَجُ،
ڪيرُ سُڃاڻو تو پُڇي...
پيارُ وندي سڀ سان،راڻا، ڪَرِ تون رَجُ،
ڪيرُ سُڃاڻو تو پُڇي...
سرهو تي سُکَ لاءِ، ڪَٽِجُ ڪُلهن ڪَجُ،
ڪيرُ سُڃاڻو تو پُڇي...

# گيت

وَڄُ نه تون منهنجا پرين، مونکي ڇڏي،
توِن ڪيئن مان جيئنديس،
مرِي ويندِيس...
ويهه دل گوڏو گڏي، پڪڙو آڏي،
وَڄُ نه تون منهنجا پرين، مونکي ڇڏي،
توِن ڪيئن مان جيئنديس،
مري ويندِيس...
تي جُدا باهيون نه ڏي، نينهن تَڏي،
وَڄُ نه تون منهنجا پرين، مونکي ڇڏي،
توِن ڪيئن مانِ جيئنديس،
مري ويندِيس...
ڏِڪِ نه منجهه سورَ سَجَڻَ، بَرَنِ وڏي،
وَڄُ نه تون منهنجا پرين، مونکي ڇڏي،
توِن ڪيئن مانِ جيئنديس،
مري ويندِيس...

## نظم

# وسارڻ گهُران ٿو...!

وِسارڻ گهُران ٿو
اُهي سارا منظر
گهٽيون، پيچرا ۽
سنڌوءَ جا ڪنارا
مٿان جن جي پيرن جا
رهجي ويا ها اسان جا نشان
وِسارڻ گهُران ٿو...

وِسارڻ گهُران ٿو،
سوين قرب واريون
ڪچهريون سموريون
جنين ۾ سنڌ ۽
ٽهڪڙن جي پنيان
لڪل هئي مَڪاري
وِسارڻ گهُران ٿو...

وِسارڻ گهُران ٿو،
انڌي پنهنجي چاهت
انڌا خواب سارا
جنين ساپيائون
گلن هارَ بدران

تيون نانگ ڪارا
وِسارڻ گهُران تو...

وِسارڻ گهُران تو،
انهن منزلن کي
لتاڙي ڪئين ڪوهَ
جنهين تي پجڻ سان
اندر تيو سجوئي
رُڳو ڏارون ڏارون
وِسارڻ گهُران تو...

وِسارڻ گهُران تو،
وڏي دردَ واري
اها راتِ ڪاري
جڏهن تنهنجي لهجي ۾
ڊشمن سُجاڻي
جُدا تي ڪيو مون
بِنا چاري پنڌُ هو
وِسارڻ گهُران تو...

وِسارڻ گهُران تو،
نه وسري سگهي تي
اها بيوفائي
جا مُرڪي ڪِئي تو
وڏو سورُ ڏيئي
ڪَئي پَٽ پَڌَرُ تي
وِسارڻ گهُران تو...

وِسارڻ گهُران ٿو
۽ جيئڻ ٿو چاهيان
اوهان جي ڏنل ڏنيَ
جي هَر سارَ کان ٿي
ڪَئين ڪوهہ دوري
نہ ممڪن اَلَئہِ چو لڳي ٿو ائين
وِسارڻ گهُران ٿو...

وِسارڻ گهُران ٿو
سچو پيارُ منهنجو
وِسارڻ نٿو ڏئي
رُئان ٿو گهڻو ئي
مگر ڪينَ رستو ڪو
مونکي سُجهي ٿو
وِسارڻ گهُران ٿو...
وِسارڻ گهُران ٿو...

# آزاد نظم

## شاهہ جو ميلو، اُداسي ۽ اُميدَ...

ڪرونا جي ڪري اڄ شاهَہ،
پٽ تنهنجيءَ ڪان
رنگ سارا
سنڌءِ ميلي ۽ مرڪن جا
ڪَسيلَ آهن
تنهنجا عاشق ۽ مارو سڀ
ڪري پنڌُ توڙي پهتا هِن
مگر درگاهہ تنهنجي ۽
چمڻ چائنٺ ڪان ڪوهين دور
ڪيا ويا هِن
تنهنجي تنبوري جي تارُنِ
جي نيڻَن مان
لڙڪن جا
سنڌو ڪيئي وَهَن تا پيا
هي تنهنجي صدين جي جيون ۾
پهريون ئي ميلو آيو آ
جَنهين ۾ تون اڪيلو آن
جڻ هَٿ سي سڀ ڪپيل آهن
وڳي ڪاري تو راڳين جا
جي پنجن تارن سان گڏجي ها

وڏي مستيءَ مان آڏو تو
جهومي جهمريون هڻي پنهنجي
اندرَ جي عشق کي لوڪن
اڳيان ظاهر ڪري تِن ۾
موجزنِ عشق جا ڪيئي
سمندرَ تِن جي دلين ۾
ڪرڻ داخل فرضن ۾
شُماريندا هُئا پنهنجي...
وَيا هِنَ موتَ جِيءَ کي موتُ
مليو ناهي
تڏهن ئي پٽَ
مٿان اَڄُ سِڄُ
اونداهي رات جو ڪارو
وڳو پائي عيان ٿيو آ
اُها ئي آهي ڏوهاري
اڄوڪي ڏينهن جي ڏکُ جي
دعا جا هَٿَ کڻي سائين
تون پٽَ تي منع هوندي ٻي
عقيدت، عشق تنهنجي ۾
ڪَهي آيلَ هزارن ۽
لکين ماڻهن جي جيون جي
وَيا ان ڪان
پناهن ۾ رکڻ جي گهُرَ
۽ اداسي پنهنجيءَ کي آتت
ڏئي سمجهاءِ اي سائين،
وَيا جڏهين صفا مرندي
سَوين ميلا وري ٿيندا
رڳو پٽَ تي نه

هر درگاهَ، شهرن ۾
۽ گيتن جون سي گونجارون
وَري وَرنديون
جَنين تي مستُ تي مارو
هزارين ڦيرڙيون پائي
لکين جهُمريون وري هٽندا
۽ خوشين جا اُهي ئي رنگَ
هَرِ چهري جي رونق تي
پَيا هِتِ جڳمڳائيندا...
پَيا هِتِ جڳمڳائيندا...

# هيئن پَڇي ۾ تُنتي

ننڊ ۾ تو ڏسان
ڪوئي طوفان آهي
وڏو جنهن ۾ مان
ڪنهن سُڪل پَنَ جيان
اڏندي اڏندي پيو
پورَ ٿيندو وڃان
منهنجو آواز
دانهون
۽ چيخون سوين
ان جي شور ۾
دٻجي گم ٿيون ٿين
جنگهون
ٻانهون
بدن
۽ اکيون دل سان گڏ
وحشتن دهشتن ۾
بي نشان منزلن ڏي
ٿي ٻيوس گهٽو
پون ۽ آسمان
جي سوين سِمَتُن
ڏي ٿيون تيزيءَ سان

ڦرنديون ئي ڦرنديون وڃن
اوچتو جاڳ
ان ئي گهڙيءَ تي ٿِئي
جسم سارو پگهر ۾ ٻُڏل ٿو پَسان
دل جو ڌڙڪو
گهٽوئي وڌيل ٿو لڳي
سوچيان ٿو
نہ جي ڏاڍَ ٿِئين ها پرين،
ريتِ ۽ رسم جو پَئُہ پيلي
ڪرين ها
تون گڏجي سفر
خوابُ اهڙو
مرڻ جو پيانڪ ڪڏهن
زندگيءَ جي اندر
هيئن پجي ۽ ٿُٿي
هيڪلو ۽ مايوسين وَر چڙهي
مان ڏسان ڪين هان
ها، ڏسان ڪين هان...!

# هزارين ۾ لکين لوليون

عمر جو ڪانئو سٺ تي پڳو آهي،
ڏکيل آ دل،
سڄو ساهه جو ڍلڙو آ
اکين جي ديد گهايل آ
ڪَنَ پڻ ٿيا گهٽا گهبرا
وکن مان ڊوڙ ٿي غائب
مڇون، ڏاڙهي، مٿي جا سيءَ
اڇا ٿي وارَ ايئن ويا هن
ڪفن جڻ زندگيءَ هوندي
انهن اوڙهي وتو آهي
لڪيرون ٿي سوين ڪنڊر
اجازت ڪانسوا ڇهري
مٿان قبضو ڪري ويئون
پراڻي ڪنهن خوشيءَ ڏي سوچ
جي موڙو ٿي ڪِٿ ڪائي
انهي تي ٿهڪڙا ڪيئي
ڏيان ٿو جي مان مُنهن پنهنجي
فضائن ۾ بٽي سڏڪا
پڙاڏا ٿي پري تائين
وڃن ٿا واءُ سان رلجي
۽ جي ڪنهن بہ ڏک تي مان

رئان ٿو اوچنگارون ڏئي
تہ ٿهڪن ۾ بدلجي سي
وڻن ٿيون روپ ڇٽرن جو
هي ڦيرو اوچتو ابتو
حياتيءَ ڪيئن آ بخشيو
نہ سمجهي مان سگهيو آهيان
گهڻو سوچي ۽ بيوس ٿي
وري ساڳئي ئي رستي تي
مُڙي مان ياد ڪيان ٿو سو
اجل ايئين ڪسيندو آ
اميدن جون سيئي واهون
۽ ڌرتي پوءِ جهوليءَ ۾
پئي ڏيندي سدائين آ
هزارين ۽ لکين لوليون...
هزارين ۽ لکين لوليون...!

# ساهه هوندي به ...

رات تارا گهٽا
۽
تيڙو ڪتيون
اڀ ۾ چنڊ سان
گڏ پئي چمڪيا مگر
منهنجي مَنَ ۾ هئي
گهُگهُ اونده گهٽي
جيڪا ڪنهن گهاوَ جيان
پئي ڪُرِي ۽ لُڇِي
جنهن لئه مرهم نه هئي
تنهنجي تهڪن سندي
وقت ظالم هُيو
جنهن ڪيو ڏارَ هو
رسم ڪي ريج ڏئي
زهر جهڙو
اسان جي گڏيل پيارَ کي
روشنيءَ جي صديءَ ۾
زماني اڳيان
دور پٿر جيان
ايڏي تذليل سان
جيڪو منظر جڏهن پيي
اکين جي اڳيان
تئي عيان تو تڏهن
ساهه هوندي به
بُتُ تي وجي تو ائين
جيئن ڪو مردو هجي
ڏوڙ جي ڍير ۾
گند جي ڍير تي....!!

# همڪنارِ

ڪيستائين وجي تو
هي رستو خبر،
ڪاب ناهي
مگر مان وجان تو پيو،
ڊوڙ آهي ڪٿي
۽ ڪٿي هن ڪندا
پيير پرواهه ان جي
ڪرڻ کان سواءِ
گهاٽجي ۽ مٿان
ڪيهه جا تهه ستي،
تا وڃن
دل جي رفتار کي گڏ ڪٽي،
ساوڪون تنهنجي خوابن جون توڙي پرين،
ورهيه ڪيئي اڳي
پيارَ ويرين جلائي
ڪيون خاڪ هون
پر پوءِ پي تتي مان
ڪِريو ڪين هوس
پنهنجي سوچن جي پَلون ۾
ان خاڪ کي
سُڪَ ڪري هو ٻڌو

۽ نين ساوڪن جون
اميدون انهن
سان ڳنڍيي
پنهنجو جيون هو تن سان رليو
هاڻ هن پنڌ ۾
حوصلو ئي سندم
آهي ساٿي بڻيو
جيڪو اڳتي ڪٿي
پڪ اتم ڪو نہ ڪو
ڏگ منزل سندو
ويجهڙو آڻي
منهنجي رُڪيِ بي چَسيِ
زندگيءَ کي ضرور
ڪنهن معنيٰ نئينء سان
ڪندو همڪنارِ...
ڪنهن معنيٰ نئينءَ سان
ڪندو همڪنار...!

# خوش هُجين، جاتي هُجين

واءُ آهي لوڻ جڻ ڪو ٻُرڪيو
اڄ وري تون ياد اچي وئي آهين
زخم جي هڪدم ڪڙي
آهي ٽُٽي
۽ ڪُرائڻ آ لڳو
سهپ ڪان پيرا هزارن ڪان مٿي...
باهه دل جي شهر ۾ ڪنهن جهنگ جي
آهي لڳي
تا جلن سپنا جنهين ۾
۽ لڪين ئي ٿهڪڙا
پر زبان مان دانهن سان گڏ تو ٻُري
ڪنهن نامڪمل
گيت جي
تخليق جو
زخميل
آواز هي
خوش هُجين،
جاتي هُجين...
خوش هُجين،
جاتي هُجين..

# خواب ڪِنوٽين جو سفر

خواب ڪنوٽين جا تجلا آهن
جيڪي سوچن کي روشنيون ڏيئي
دور ڪن ٿا انڌيرا مَنَ جا
۽ اکين کي ٿا ڏِيَن چمڪ اهڙي
جيڪي جيون کي رنگ محبت جا
سَوَ هزارين ٿا بخشي جيئارن
موت مايوسين کي ڪَرُ ڪٽندي
ان گهڙيءَ ئي تو ماري دل اندر
۽ خوشيون هر قدم ۾ چير جيان
ٿيون وجن ۽ وني وجن اتڙي
رقص جاتي سدائين مورن جو
ڪنيَ ڪنديڙي بنا ڪنهن وقفي جي
سمند چوليون ٿي چُلي تو پيو
وقت جو سفر ازل کان جنهن ۾
ايئن تو تا ابد روان ئي رهي،
ايئن تو تا ابد روان ئي رهي...

## ڪڙو سچ

مڪاري،
وڏو مرض آ
ءُ
عجب آ اهو
پوري دنيا ۾
ان جي،
خاتمي لئه
اجا تائين
دوا ڪا به
تي ڪين
ايجاد آ...!!

⁜

## اڇڻ لئه مگر...

پيچرا
ڪوڙهئا
تنهنجي
پيرن جو
مون ڏي
اچڻ لئه
مگر
ڪو به
هڪڙو نه هو...!!

# وقت...

جيئن مُٺِ ۾
هوا
ڪو نہ
پڪڙي سگھيو
وقت،
ايئن
توکي
مون سان
نہ جڪڙي سگھيو...!!

❋

# صلاح

شاهہ جي شاعريءَ مان
گَس وٺجو
سمنڊ ڪان
پيين لاءِ
مَسُ وٺجو...

❋

## وٽي پئي تہ ...

سَيئي
سلسلا
ٽُٽي ويندا،
هزارين خوابَ،
لکين
وِلولا،
ٽُٽي ويندا...!!

⁂

## سَوين گلاب

اَکين آڏو
سوين گلاب ڏٺا
مون جو توسا
هجرَ جا
خواب ڏِٺا...

# نثري نظم

## ڳالهه پوپٽ جو معراج

زندگي ننڍڙي
واريءَ ڪڻي جي به
هزارهين حصي جيتري
مون لاءِ هماليه جبل جيڏي
نفرت دل ۾ ڪٽي هلندي
فخر محسوس ڪرين ٿو ته
لڪين پيرا ڪَرِ
مان پنهنجي فطرت ۾ اهڙي حماقت جو
سوچڻ به نه ازالي ٿيڻ جهڙي
پَلَ ٿو پيانيان
منهنجي مَنَ ڳالهه متان
ڦيرا ڏئي
وَرَ وَرَ ان تي پوپٽ جيان
ويهڻ کي ئي محبت جو معراج
سمجهيو آهي
ڇو ته جڳ جو چرخو ته
محبت جي ڦيري سان ئي
ڳنڍيل آهي
ان کان الڳ ناهي...

# عشق جو منزلون...

سمنڊ جي ڇولين جي زبان
جي سمجهي سگهين
تہ
عشق جو فلسفو
سمجھ ۾
اچي ويندئي...
تڙپ جي شدت کي
محسوس ڪري سگهندين
۽ گجگوڙون
رڳ رڳ ۾
مِلي ويندئي
سچ پچ پوءِ
عشق جون منزلون
ماڻڻ
توکي ڪڏهن بہ
مشڪل نہ لڳنديون.

# اَملهہ تحفو...!

تنهنجي ڏندن ڏي ٿو ڏسان تہ
بگهڙ ٿو ياد اچي
جنهن جي حملي کان
بچڻ لاءِ
ماڻهو
ڪُکين سان
جتيءَ جا
ٻئي پادَر ٻڌي هلندا آهن
تنهنجي اکين ڏي ٿو ڏسان تہ
گُرگُ آشتيءَ جو منظر
ٿو اکيان ڦري
جڏهن تَهہ سياري جي
برفباريءَ ۾
شڪار لاءِ ڪو جيُو
نہ هوندو آهي تہ
بگهڙ
ميڙ ڪري
گول دائري ۾
ويهندا آهن
۽ اکين ۾ رت آڻي
هڪٻئي جي اکين ۾
چِتائي
پيا ڏينهن رات

ڏسندا آهن
جنهن کي
ننڊ جو جهوٽو آيو
ان مٿان
مارو ڪري
ان کي
چيري ڦاڙي
ڪاٺ ۾
دير نہ ڪندا آهن...
تنهنجي هٿ ڏي تو ڏسان تہ
ان ۾
ڪنهن ڊنگ وڏيري
يا چوٽيءَ جي
سردار جي
هٿ ۾
پڪڙيل ڪلاشنڪوف
محسوس ٿئي ٿي
جنهن سان
هوُ الائي ڪيترن
ڪمزورن جو خون
ڳجهہ ڳوهہ ۾
يا سرعام وهائي
انهن جون ملڪيتون
۽ حق ڦٻائيندو آهي
ڳاڙهيون
اهو هٿيار
ٻين کي اڏارو ڏئي
ڪاريون ڪرائي

مارائڻ جي سلسلي کي
جاري رکندو آهي
۽ ان جي
طاقت جي زور تي
جرگا ڪري
چتين جا ڏوڪڙ
اڌ ڪان وڌيڪ
ڏاندارين سان
پنهنجي بنگلن اندر
ڍوئڻ
بنا وقفي جي
ڪنا ڪندو ويندو آهي
تنهنجي پيرن کي پسندي
خيال
هاٿيءَ جي پيرن ڏي تو وجي
جيڪي
پنهنجي لشڪر اڳيان
جڏهن اڪيون وڃائي
انڌا ٿيندا آهن تہ
انکي لتاڙي
جنگ جي سوڀ جو سهرو
سِرَ تي سجائي
بدناميءَ جي تاريخ کي
نيڪناميءَ جي مَسُ جو
املهہ تحفو
عطا ڪندا آهن.

⁜

# ننڊ آهي ...

ننڊ آهي
نياڳ جي ساٿڻ،
جاڳَ
سياڳُ اتئي
جنهن جو
ماڳُ ماٿڻ لئه
اکيون
پنهنجيون پٽي
پيرَ بيئي
تون
سيرَ ڏي سوري
وَرَ وجهي
۽
ڪرِ سَفَرُ
شروع پنهنجو
زندگي ان سان
جرڪندي تنهنجي
۽ مالهائون
ڪاميابيءَ جون
توکي پارائي
هر هڪ وک تي
آجيان تنهنجي ڪندي
ڪيئي ڏيندئي
واڌايون...

## بِنا پيرا شوٽ ...

وقت جي جهاز مان،
بنا پئرا شوٽ جي
اڇلايو ويو آهيان
خبر ناهي،
آخري ساهن ويلَ
توکي
پَسان يا نہ...!

⁂

## مُنهن جي ...

دوستيءَ ۾
محبت جون حدون
مان سدائين
ساري ويهندو آهيان
تڏهن
هميشہ
مُنهن جي کائيندو آهيان

⁂

# غزل

مان سانت، هوءَ برسات وسائي گهٽو پئي،
هر وقت تنهنجي ياد ستائي گهٽو پئي.

پُر خار آهي راهَ، مِلي ڪيئن پرينءَ سان،
مَن، معجزي جا پورَ پچائي گهٽو پئي.

جن سانڍ اڏي ڪيس جيا پو مليو نئون،
هر ساهہ سان سي خواب سَجائي گهٽو پئي.

جِتِ راڳ ماٺ‍ڙهپي جو ئي پيو تو آلاپجي،
هر پيرُ ماڳَ تنهن ڏي وڌائي گهٽو پئي.

جيڪو ڏنو پرينءَ سُڪائون ڪري اهو،
ڏک ڏيلَ ۾ واجت سان وَڄائي گهٽو پئي.

خزان جي درد جي موسم وَسائي مون اندر ۾ آ،
اداسي ئي، ڇڏيو جو تو، رَهائي مون اندر ۾ آ.

نہ پالهو ڪو بہ پَلُ آهي، جدا ٿي تو، اڪين بدران،
سدائين نَهَرَ لڙڪن جي، وَهائي مون اندر ۾ آ.

سندءِ تصوير جي هوندي، ايامن ڪان زماني ۾،
انڌيرو آهہ چوڌر پَرَ، سهائي مون اندر ۾ آ.

غمن جَڏِ موٽ ويجهو ڪيو، اوهان جي خوشگواريءَ جي،
فلم سا ٿهڪڙن جي تَڏِ، هَلائي مون اندر ۾ آ.

هميشہ بس امڙ لولي، سنائيءَ جي ڏني آهي،
رهي ٿڏهين ڪشادي ٿي، چڱائي مون اندر ۾ آ.

ياد جا پنڇي اڏاڻا، نيڻ آلا ٿي ويا،
گهاوَ اُڪلي پيا پراڻا، نيڻ آلا ٿي ويا!

رات ڪاريءَ ۾ ملڻ، توساڻ روئڻ جا پرين،
ديپ جو منهنجا اجهاڻا، نيڻ آلا ٿي ويا!

عمر جو ڪانٽو ويو اَڄُ، جوشَ سارا ٿي ڪَسي،
پنڌَ جا ٿيا سَنڌَ ساڻا، نيڻ آلا ٿي ويا!

پنهنجي خوشين جا وري پَلَ، سي ڪڏهن موٽي اچي
هارِ ڪِٿِ ٿيندا سُهاڻا، نيڻ آلا ٿي ويا!

باهه دوريءَ جي، قَدَمَ، سارڙي هلي آهي وئي،
دگ سيئي خاڪ راڻا، نيڻ آلا ٿي ويا!

هزار ڳوڙها اکين مان تمندا، اوهان جي يادن جا گيت ڳائي،
گلاب دل ۾ ڪنڊا تي چپندا، اوهان جي يادن جا گيت ڳائي.

بهار ايندا، خوشين جي بدران، سوين ئي سڏڪن جا ساز ڇيڙي،
اَکر تي تانڊا، پيڙ ۾ نچندا، اوهان جي يادن جا گيت ڳائي.

اوهان هتاران صدين کان گهايل اسان جا سپنا، هزار پيرا،
وري به کلندا، تي ٿهڪ ٽڙندا، اوهان جي يادن جا گيت ڳائي.

ڪري جدائي، وڃائي جيون جي منزلن جا هڙيئي چارا،
نئين سِري سان سي زخم ڪُرندا، اوهان جي يادن جا گيت ڳائي.

جي سچ دولاب ئي ٿيا ثابت، سندءِ اسان سان گذارڻ جا،
اچارجي سي چپن ۾ سڙندا، اوهان جي يادن جا گيت ڳائي.

نـنـهـڙ ۾ جيـئـن ٻَـنُ تـو تـڙپـي،
تــوريءَ اهــڙو مَــنُ تــو تــڙپــي!

تـتــل كــورو، ان ۾ مــنــهــنـجــو،
تـون نـاهـيـن سچ، تَـنُ تـو تـڙپـي!

سـاتَ سِـوا هـر پـهـر تـہ ڇـا پـر،
پَـلُ پَـلُ ۾ كَــنُ، كَـنُ تـو تـڙپـي!

عكس پسين تـي، ڏِسُ تـہ هَـٿَ ۾،
پـكـڙيـل هـي درپـنُ تـو تـڙپـي!

وات كُـهـاڙي، پـوءِ بہ پـنـڌ ۾،
هـيرَ لـئـہ هـو رانـجـهـنُ تـو تـڙپـي!

ٻــارن وچ ۾ ٻــارُ تــو مــرڪــي،
جهـور ڪـراڙو يـارُ تـو مـرڪـي.

چـهـرو ڪــاوڙ ۾، پـر هـنـجـي،
ڳَـلَ ۾ پـاتـل هـارُ تـو مـرڪـي.

گـلـڙا پَـنَ چَـڻَ سـاڙي وئـي پـر،
ٽارَ سُـڪَـلَ تـي، خارُ تـو مـرڪـي.

هـــر وڏيـــري آڏو هـــاري،
بـيـوس تـي، لاچـارُ تـو مـرڪـي.

ورهين ڪـانـپوءِ ميـلُ تـيـو جيئن،
نـيـڻـين اُتـلـي، نـارُ تـو مـرڪـي.

اڄ يـــي پـــيـــارَ ڏي وِڪَ وڌائـــي،
سوريءَ تـي سيـنـگـارُ تـو مـرڪـي.

سورُ پرينءَ جو ڪيئن سرچائي رانديڪو،
يارُ تہ ناهيان دل پرچائي رانديڪو!

لڙڪ اُگهي ۽ پر ۾ ويهي منهنجي هوُ،
مرهم تي، مَنَ گهاوَ سُڪائي رانديڪو!

ممڪن ناهي وچڙي، ڪُهجي، آنءُ وَران،
تون تي، تو جان، ياڪُرُ پائي رانديڪو!

مِينهُن، ڪنوڻ هوُ ناهي، جيڪو ٿَرَ متان،
وسڪارَ ڪري ۽ يالَ يَلائي رانديڪو!

حرڪت هن جي چاٻيءَ ڦيري ساڻُ جُڙيلَ،
چاٻيءَ ريءَ ڪيئن دهلُ وڄائي رانديڪو!

ٻارُ مري، تون حيلا ڪَرِ، پر ڪينَ ڪڏهن،
ماءُ جو سگهندو دردُ گهٽائي رانديڪو!

موڪلائي وئي
دل ڏکائي وئي!

پنهنجي ديگ ۾ ڏسي،
ديگ مَٽائي وئي!

لڙڪ ڏئي ۽ لِکي،
آزمائي وئي!

مونکي سُرمو ڪري،
اک ۾ پائي وئي!

منت هڪڙي اندر،
رنگ رُلائي وئي!

ماپ ممڪن نه آ،
ڪيڏو گهائي وئي!

ڏينهن ۾ رات جو
گهُگُ وڏائي وئي!

گُلَ ڪندا ڪري،
جَڳَ، ڪِلائي وئي!

⁜

لَٽِ جي ٽيڪ تي ٽڪبو هليو، هليو ويندو،
دز ۾ ڏوڙ پيرن سان رَليو، هليو ويندو.

عشق جي آڳ اجهامي وئي ته چا ٿي پيو،
مُنهن تي خاڪِ خوشيءَ سان مليو، هليو ويندو.

وَسَ ۾ ناهه پرينءَ جو ملڻ، ته پاڻُ ڪٽي،
اکين مان مينهُن وسائي پَليو، هليو ويندو.

نينهن ناسورَ جي مرهم نه مِلي، ان جو وڏو،
سورُ هَرِ بارِ، هوا سان سليو، هليو ويندو.

هِتِ نه مليو يارَ، مِلي هُتِ ويندو هڪ پيرو،
ٿَلُ سو من اندر ۾ ٿَليو، هليو ويندو.

رنگُ چاهت کي ڏنو تو نہ، وقت ويو گذري،
هارِ وک وک تي گهٽو رو نہ، وقت ويو گذري.

نينهُن نازڪ جو تنتو هو تہ، جوڙَ جي ڪڏهين،
سوچَ ڪا پَلُ بہ ڪَيَئِي ڪو نہ، وقت ويو گذري.

ماڳُ هو عشق جو، نند وِڃايو تنهنجو
جاڳَ کي نيڻَ ڏِنئي جو نہ، وقت ويو گذري.

هَتَ مان جيڪو مٽيو سُک جو وَيُئي کسڪي،
پيرَ سان توکان لڌو پو نہ، وقت ويو گذري.

اک ڦِري، هڪ پلڪ ۾ ڏنم جو چهرو،
دگ ساڳي ۾ اُهو هو نہ، وقت ويو گذري.

❊

درد جـــي رات مـــونـــكـــي مـــاريـــنـــدي،
تـنـهـنـجـي ئـي تـات مـونـكـي مـاريـنـدي!

ســـپ جـــا ســـورَ پـــيـــا تـــا تـــڙپـــائـــڻ،
لـوڪ فـڪـرات مـونـكـي مـاريـنـدي!

ڪـيـن آئـي ڪـا جـيـت جـهـولـيءَ ۾،
مسـلـسـل مـات مـونـكـي مـاريـنـدي!

مون تي منهنجي ئي شعر جي ڪـڏهـين،
ڏمـرجـي ڏات مـونـكـي مـاريـنـدي!

پـارَ تـان پـاڻ، شـل نـه گُـذران مـان،
اهـڙي جـذبـات مـونـكـي مـاريـنـدي!

❊

هـوُ جـو تـولاءِ ڪـو نـہ تـو جـيـئـي،
ڪيرُ ڪنهن لاءِ ڪو نہ تو جيئي!

ڪـو بـہ پَـلُ هِـڪُ، هـوُ رڳـو تـولـئـہ،
هـوشُ ڪَرِ جـاءِ، ڪـو نـہ تـو جـيـئـي!

بـانـهـن پـرَ جـيءَ سُـتَـلُ، پـريـنءَ خـاطـر،
هـاءِ، ڙي هـاءِ، ڪـو نـہ تـو جـيـئـي!

جسمَ تـنـهـنـجي مان جَمي، تولئہ هوُ،
بـخـشُ ڪِـجُ مـاءِ، ڪـونـہ تـو جـيـئـي!

مـوتَ تـائـيـن ڏِئـي، پَـل سـاٿُ سـچـو،
پـو ڪـو ان لاءِ، ڪـو نـہ تـو جـيـئـي!

⁂

جو نيڻن جو سِتارو هو،
حياتيءَ لئہ انڌارو هو!

سفر ۾ ساڻ هو ليڪن،
سنڌوءَ جو پيو ڪنارو هو!

تنل شهتيرُ جڻ چِتِ جو،
ائين منهنجو سهارو هو!

نہ سُرمو ۾ اکين تي چَپَ،
رئي ئي هُئي، ٻُهارو هو!

رڳو سُکَ يادِ جي غم جي،
سهاري تي گُذارو هو!

قدم هو هرڪو اونده ۾،
رُتَلُ ازلئون اُجارو هو!

جدائي بي سبب تيڻ تي،
هينئون ڏاڍو ڏُکارو هو!

چـڏيـان تـوتـان مـان سِـرُ گـهـوري،
ڏِڪـــي دوري، تـــون ٿـــي اوري.

صـــديــن تـــاريـــخ، بـــاگـــاٽـــي،
تـــون مِـــلُ مشـــتـــاق، وَڄُ مـــوري.

نــہ سـئـولـو نـيـنـهـن جـو نـاتـو،
هَـــڏَنِ تـــان مـــاسَ ٿـــو ڪـــوري.

حـــيـــاتـــي عشـــق ريءَ ڪـــهـــڙي،
سُـــئـــيءَ ۾ وِجُـــهـــہ سَـڳـو سـوري.

ڏِنـــو دَرَ جـــي وِٿـــيءَ مـــان تـــو،
ڪُـنـو تـنـهـنـجـي اِنـهـي ٿـوري.

جو مُـنـهـن ڦـيـري وَئـيـنءَ گُـذري،
ڇَـــڏيُـــئـــي ٻـــتَـــرَ جـــيـــان ٻـــوري.

سِـــبـــي جـــيـــڪـــو سَـــٽِـــڙَ تـــي هـــا،
روئـــي اُٿُ تـــنـــهـــن، ڏِنـــو ٻـــوري.

اُنسُ انسانيءَ وڏائج هرسُو،
باهہ نفرت جي وِسائج هرسُو.

قربَ جو ميوو مِٺو ٿيندو آ،
هر ڪنهين کي تون، چکائج هرسُو.

گهارِ غفلت ۾ نہ تون، سڀ جي لئہ،
ٻاجَهہ جون جوتون جلائج هرسُو.

امن دنيا تي گهُري، ساگر ۾،
ناسُ هر بم کي ڪَرائج هرسُو.

ماڳَ ٻيلجي جي ويا، ماڻهوءَ جا،
سي ورائي، تون ورائج هرسُو.

ووٽ وٺين ٿو، سارو ٿِن جو ٿيءُ بہ تون،
جيون ارپي، انهن خاطر جيءُ بہ تون.

هٿ کڻين ٿو دعا جا پُٽَ جي لاءِ سدا،
ياڳيري ڪا مالڪ ڪان گهُرُ، ڏيءُ بہ تون.

وڇڙڻ هن جي مجبوري هو، سچ اهو،
دل ۾ سانڍي، لُڙڪَ اکين جا، پيءُ بہ تون.

آئيني ۾ عڪس سندءِ آ، پاڻ ڪي چئہ،
هُويي تون آن، پيارا آهين، هيءُ بہ تون.

مون لئہ چيٽ ۽ پَنَ چَڻ، توڙي لُڪَ سندو،
اونهارو آن، تَهہ سياري جو، سيءُ بہ تون.

⁂

نئن جي چوهي پاٽيءَ آڏو، بند ُ ٻڌان، ڇا سئولو آ،
ٻيوس پيرن سان مان توڙي، پندُ ڪيان، ڇا سئولو آ؟!

تون تہ نہ آهين ساڻ سفر ۾ ليڪن ڪڏهين پي،
توکي دل کان ڌار ڪري، تي ڌار جيئان، ڇا سئولو آ؟!

تنهنجي يادن جي زخمن جا، درد هزارين ئي،
ساٿي ٻڌيا، تن ريءَ هڪڙو ساهہ کڻان، ڇا سئولو آ؟!

وقت پيو گذري تون منهنجو ايئن لڳي تو يار،
سنڌ سنڌُ جڙ آ سوريءَ جڪڙيل، آجو ٿيان، ڇا سئولو آ ؟!

نينهن ٿنڊ تي پرزا ٿي مان، ڪيئن سنياليان پاڻ،
چوٽَ جَبَل تان ٻوڙون پائي، هيٺ لهان، ڇا سئولو آ ؟!

❋

تنهنجي رستن جي اکين ۾ مان ڪو نہ هوس،
دل جي خانن جي اکين ۾ مان ڪو نہ هوس...

چاھہ جي باغ ۾ جي تنڙي تو ڪنيا،
انهن ساهن جي اکين ۾ مان ڪو نہ هوس...

ها، برابر، مون ڏي لکيو تو، مگر،
خط جي اکرن جي اکين ۾ مان ڪو نہ هوس...

سايا ۾ بَسَرُ، چاھہ هو جِن سَندء،
خوابگاهن جي اکين ۾ مان ڪو نہ هوس...

رڻَ ڏگهي ۾ سَفَرَ ساٿَ لئہ، جي ڪَيَئيِ،
تِن پُڪارن جي اکين ۾ مان ڪو نہ هوس...

جيون جهوٽو، گُذري ويندين،
ڪَڪُ پَنُ بڻجي، اُڏري ويندين.

يادِ ڪَري چَڏِ، ماڻهو آهين،
موتَ پجاڻان، وِسري ويندين.

پنهل خاطر، سسئي بڻبين،
راهُن روڙا، اُڪري ويندين.

تاريڪي ڏِڪِ، تاريخن ۾،
سورج وانگي اُڀري ويندين.

ڪوئي توکي ساريندو چو،
نيڪيءَ مان جي نڪري ويندين.

هَٿُ ڪنهن ڪَڏَ ۾ اچلائي چَڏِ،
ماڻهن لئه تي مِصري ويندين.

سُجاڻَ هوندي سچاتو نہ، ڪا گهڙي ڪڍهين،
ڪري تو پنهنجو هو پاتو نہ، ڪا گهڙي ڪڍهين.

سڄي حياتي اسان ساڻُ ملڻ لئہ تنهنجو،
هِينئون ڪڏهن بہ ٿيو آتو نہ، ڪا گهڙي ڪڍهين.

ٻين جا شعر سَوَ ڳايا، سدائين، تو منهنجو،
غزل ڪو، گيت هِڪُ ڳاتو نہ، ڪا گهڙي ڪڍهين.

اوهان جي يارَ، وڪن ۾ وڇايا وارَ سدا،
نہ چاڻُ تو نہ، چو ڄاتو نہ، ڪا گهڙي ڪڍهين.

هزارَ وَسَ ڪيا ها، مون، سندءِ ليڪن،
نگاہ، دل کُليو ڪاتو نہ، ڪا گهڙي ڪڍهين.

زخم اڪيلا، عذابن ۾ تنهنجي رهيس،
وقت سارو مان خوابن ۾ تنهنجي رهيس.

تون جُدا، پر نہ پَلُ مان جُدا ٿي سگهيس،
دل ۾، باغِن، گُلابن ۾ تنهنجي رهيس.

ڏُکُ هوِ تون نہ هئينءَ، پر تصور ۾ مان،
نِينهَن نيڻن نگاهن ۾ تنهنجي رهيس.

زندگي جَرَ پکيءَ جان، آ توسان جُڙيل،
ساهہ تنهنجي، پَساهن ۾ تنهنجي رهيس.

سمجهي ليليٰ جيان، جڙ ڪو مجنون ٿي مان مان،
واتهڙن ڪان پُڇائن ۾ تنهنجي رهيس.

تارازيءَ ۾ ڪاڻ،
دنيا ۾ چِڪتاڻ!

سمجهُو، سمجهي ڇَڏِ تہ،
جيڪو آهي هاڻ.

ماندا، مرندي نيٺ،
راتين جي ڪاراڻ.

زندهہ رکندي پوڻ،
چاهت جي چانڊاڻ.

چئجان پليل تون نہ،
جيڪا آئي پاڻ.

گڏ اٿئي محبوب،
خوشيون ساريون ماڻ.

راهــــ ۾ روڙا رَلائــــي، وري اڳـــيــان آئـــي،
خـوابَ سـوريءَ تـي سـجـائـي، وري اڳـيـان آئـي.

دل کي نفرت جا ڏِنـئـيـن ڏنـيَ، اڄ بـہ مـحـفـل ۾،
سيـخَ کـوُري مـان تـپـائـي، وري اڳـبـان آئــي.

گـلـن جـي آسَ هُـئـي، هـوءَ مـگـر اُهـي ساڳـيـا،
خــارَ پــيــرن ڏي وڌائــي، وري اڳـيـان آئــي.

طـنـز جـا تـيـرَ تِـکـا، جـن هـزارَ گـهـاوَ ڏنـا،
مينـهـن جـان سيـئـي وسـائـي، وري اڳـيـان آئـي.

يــاد آئــي تــہ کـٽـي سـورَ سـي پَـلَـوَ ويـڙهـي،
اکـيــن ۾ لــڙڪ وَرائــي، وري اڳـيـان آئــي.

ڏکن جو پيچرو آ، ساھہ سان ڳنڍيل پرين،
جَرَ پکيءَ جيترو آ، ساھہ سان ڳنڍيل پرين!

توڙي توساڻ ڪَڏِ، ممڪن نہ آ، ميلاپ ڪو،
خوابُ پر اينترو آ ،ساھہ سان ڳنڍيل پرين!

ڪَڪَرَ سان جيترو آ، مينھَن مليل نينھُن يَرَ،
توءِ مون ايترو آ، ساھہ سان ڳنڍيل پرين!

ٽِڪَ ٻڌي تو ڏنو جَڏِ، ان پَلَڪَ وارو سدا،
سو ڪِنوڙِ سوجھرو آ، ساھہ سان ڳنڍيل پرين!

پِرتِ ايڏي، قرب توسان ٿو چَوان،
سَچُ، سنڌوءَ جيترو آ ،ساھہ سان ڳنڍيل پرين!

اوهـان سـواءِ اڄ هـي رات جـيـئـن ٺَـري آهـي،
اکـيـن ۾ لـڙڪ تـيـا ٺـانـڊا ۽ دل ٻَـري آهـي.

اڙي او عشق، سڄو سونُ سو ڪَـيُـئـي مـاٽـهو،
جنهـيـن تـي ٻـاجـهـه ڀـري تـو نـظـر ڌَري آهـي.

ڪـيـو جـو يـاد اوهـانـکـي تـہ ٺـاڪَ ۾ ٺـڏڙي،
ڏکـڻ جـي هـيـرَ ڪـا مَـنَ ۾ وري، وري آهـي.

اَڙائي نينهـن سـان جـا اوچـتـو اکـيـون ويـٺـي،
حـواسَ هـوشَ وِڃـائـي ٿـي سـا ڇَـري آهـي.

سُکن کي جهَـپَـڙ هَـٽـي، ٿي جُـدا ڏنـئـي جـيـڪـا،
ڏکـن جـي سـاڳـي مـٿـي تـي اُهـا ڀَـري آهـي.

ڪا گهڙي هڪ نويڪلي نہ ملي،
هوءَ ڪِٿي ڪڏهن هيڪلي نہ ملي.

ڇِتِ ملي، قرب اَڻَ مَيي سان ملي،
موڙ ڪنهن تي بہ ٻي ڏِلي نہ ملي.

شهر جي رونق، رنگينين ۾،
پيار تنهنجي جي ڪا ڳلي نہ ملي.

آهہ قبضو اداسين جو سدا،
دل سان ڪائي خوشي رَلي، نہ ملي.

اورجي سورُ ها، وڇوڙي سندو،
پر وِٿيِ وقت جي ٻَليِ نہ ملي.

ڪرم اوهان جو، قدم قرب جا پري آيا،
چوان هزار دفعا تو، پلي ڪري آيا.

رڪاوٽن کي ٽڏي، عشق عزم سان پنهنجا،
گلن جا پير ڪندن تي، ڪِلي ڏري آيا.

ٽڙي گلاب جيان، اڄ وري خوش ٿي،
غمن جا ڳوٺ اکين کان ڪري پري آيا.

ڪري ارادو ملڻ جو، مونسان، جڳ سارو،
پلي پيو ساز ٽڙي ۽ مري، ڳري، آيا.

بَسيُمِ جو مُکُ اوهان جو، رڳون رباب بڻيون،
جسم پيو جهمر هڻي، من ٿو ٿري آيا.

اوڇنگارون ڏئي ياد ماتم ڪيو،
ساهہ سڏڪن ۾ الجهي آ بي دم ڪيو.

تنهنجي تصوير هٿڙن ۾ پهچي وري،
نيڻ آلا ڪري، تازو آ غم ڪيو.

روپ تنهنجي، خيالن ۾ منهنجي اچي،
مونکي بيچين صدين کان هردم ڪيو.

توڏي نظرون کڻي مون هميشه جيان،
دل جي اکڙين کي دل ۾ ئي پُرنم ڪيو.

سچ چوان تو جدا ٿي پرين، هر گهڙيءَ،
چڙ تہ ڪاسائڪو آهي تو ڪم ڪيو.

عشـــق اک آبُ آ جـــاري،
چـــپـــن تـــي مـــرک چـــوڏاري.

عـجـب جـي بـيـوسـي يـاسـي،
جي کٽي ڪَرُ تـي، تـئـي ڪـاري.

لُـچـڻ دل ۾، ڪُـچـڻ ڪـونـهـي،
زورَ اڳـــيـــان، رُڳـــي زاري.

ڏُتَـــڙِ پـــيـــئـــي، زمـــانـــن ڪـــان،
ڪـنـهـن اتـي ٻـيـڙي نـہ آ تـاري.

قـلـم آهـي، لـکـي سـچ تـو،
مـگـر ڪـنـهـن پَـتِ نـہ اُن پـارِي.

گُلَ نہ تون آن خارُ، مون ڄاڻي وتو،
تون نہ منهنجو يارُ، مون ڄاڻي وتو.

نانءُ ظاهر ڪينَ آ پر غيرَ جو،
ٿَئي ڳجهيءَ ۾ هارُ، مون ڄاڻي وتو.

تو ڏنو مون ڏي ۽ مُرڪيا نيڻَ تو،
پيارَ جو پنڌُ پارُ، مون ڄاڻي وتو.

ساهہ تڏڙا ۽ ڳُجهيون آهون پري،
نينهُن نيزيدارُ، مون ڄاڻي وتو.

ساڻُ هو، پئونرن سندا ڦيرا هُيا،
چڻ تہ هو گلزارُ، مون ڄاڻي وتو.

هَٿُ ڇڏائي چنڊ تـو اڄ ڏور ڏس مـونـڪـان وڃـي،
خوابَ گهائي چنڊ تو اڄ ڏور ڏس مـونـڪـان وڃـي.

بي درد تـي تـهـڪ ۽ جـيـونَ گُـذاري جـا سـويـن،
سُڪَ جلائي چنڊ تـو اڄ ڏور ڏس مـونـڪـان وڃـي.

چانڊوڪيون دل مان تڙي، هر وک تي مونـلاءِ هُـو،
گهُگهَ وڏائي چنڊ تـو اڄ ڏور ڏس مـونـڪـان وڃـي.

واعـدا، اقـرارَ، سـپـنـا، نـيـڻَ ڦـيـري اوچـتـو،
سڀ پُلائـي چنڊ تـو اڄ ڏور ڏس مـونـڪـان وڃـي.

ڪيئن ڪيان، ڪنهن کي چوان، تولُچان، ڇا ڪيان،
وَسُ نـه هائي، چنڊ تـو اڄ ڏور ڏس مـونـڪـان وڃـي.

تون مُئينءَ مون لاءِ، مان تولئـ مري آهيان ويو،
وقتُ ڪاني آلي هو ڇڻ، پر ٻري آهيان ويو.

هو جدائيءَ جو سفر، ڏاڍو ڪٺن منهنجا پرين،
غَمُ وڏو درياهُ هو، جنهن مان تَري آهيان ويو.

هيرَ ٽڏڙيءَ جو هُئي جهوٽو اوهان جي هر نَظَرَ،
دل نماڻي سان بدن ۾ هَئِ، ٺَري آهيان ويو.

حڪم تنهنجو جيئڻ صادر مون مٿان آهي ٿِيو،
ڇڻ ڪماني تيرَ جي مان ٿي وَري آهيان ويو.

وقتَ ڪاٺا گم ڪيا ها، جنهن سندا تون مِٽي،
روپُ ان گهڙيال جو ٿي ڇڻ ڪَري آهيان ويو.

ڏکڙ جي هيرَ گهُليِ، آءُ، هانءُ ٿو تڙپي،
يَرِ جدائيءَ جو اچي گهاءُ، هانءُ ٿو تڙپي.

ٽِڪَ ٻَڌي جيڪو ايامن کان متان بيٺو آ،
پيرَ ڏَرِ، تاڪ ٿَري تاءُ، هانءُ ٿو تڙپي.

اڄ ٻـ جاڏي ٿو ڏسان، ڪاتَ اُيا، سرد دليون،
نينهن لئہ ڪونہ آ ڪهڪاءُ، هانءُ ٿو تڙپي.

ديدَ ساڳي آ مگر ٻولَ، عمل ۾ تنهنجي،
ڪين سا سِڪَ ۽ سو ساءُ، هانءُ ٿو تڙپي.

تون مُئينءَ پوءِ سڀي ماءُ، سڄو ٿي جيون،
جَڳُ آ ماتيلي ٻڍيو ماءُ، هانءُ ٿو تڙپي.

وڏيو ئي ڪال سان ڪڍھين، نھارجي تہ سھي،
مھيني ماسي پر اي دوست، سنڀارجي تہ سَھيِ.

جمي نہ ڏنڊُ پرين، خوف ان ڪي دل ۾ رکي،
اندر پئي سارَ پرينءَ جي، اجارجي تہ سَھيِ.

اچي نہ نظر پنھون ڏونگرين ڪِٿي بہ مگر،
وڏا ئي واڪا ڪري، پر پُڪارجي تہ سَھيِ.

ھُيو جو ساڻ ڏکن ۾ پَلُ، گھڙي ڪا ڪِٿي،
وساري يَل اُھو، يادِ ڏيارجي تہ سَھيِ.

وچوڙي گھاوَ ڪي تازو رکڻ جي لاءِ مِتا،
بيو نہ پاڻي ئي پنبڻين مان ھارجي تہ سَھيِ.

⁜

توچوين ڪنهن جو ڪنهن سان نينهُن نہ ٿئي،
راتِ ئي راتِ هُجي، ڏينهن نہ ٿئي.

دل اندر هرڪو ٿي گدڙ ئي رهي،
پنهنجي هستيءَ ۾ ڪوبہ شينهن نہ ٿئي.

ڪين گڏجن ڪڪر ڪٿي ڪڏهين،
ٿوٿُ هر مند رهي، مينهن نہ ٿئي.

ڪٿ ٿهوڪا پسي اکيون نہ ٿَرَن،
مورَ ۽ ڊيلَ جو سَنيهُن نہ ٿئي.

واءُ خوشبو ڪٽي جهُمر نہ هٽي،
وڻ سجي ڀونءِ تي سرينهُن نہ ٿئي.

اوهان جي ياد سان گڏ ئي اکين ۾ گُلَ ٽِڙيا آهن،
جَنين تي سوچَ جا پيئونرا، اچي ٻوڙي مڙيا آهن.

پَسايو تو جو مُکُ پنهنجو، صدين کان پوءِ اچي آهي،
اَگڙ مون چڙ سوين ڪي چنڊ، لهي اڀ مان ڪِڙيا آهن.

ملي نيٽن جو ريتن جي، ڪري جن جو ٽِيو وچڙڻ،
پڄي چڙ چوٽَ جبلن تان، قدم تِن جا ٽِڙيا آهن.

انڌيرن ۾ گذاريندڙ اسان جي پونءِ جا ماٽهو،
سدائين روشنيءَ ڪِرڻن، چريا ٿي هِتِ چڙيا آهن.

مخالف عشق وارن سان، مقابل ٿي سگهين ٿو تون،
بلائون، نانگَ ڪونهن سي، اُهي سڀ جيتڙا آهن.

ريت جي داڻن کي جيڏا، رنگ هن قدرت ڏنا،
ايترا مون روح کي، تنهنجي مَنَ، محبت ڏنا.

الفتن سان ويرَ جا يَرَ، ازلئون پونءِ جي متان،
ماٺيپي کي گهاوَ صدين کان هِتي ڪلفت ڏنا.

نيڻَ نارڻ لاءِ وک وک، سونهن جا شاهڪار هي،
گل، پوتا، وڻ سوين، باغ پڻ فطرت ڏنا.

رب اسانکي هر نديءَ جي، زندگيءَ ڪارڻ ڏسو،
آبشاري سلسلن لئہ، ڪيترا پربت ڏنا.

تر کي وسڪارَ ڏي تي جيئن، تيئن منهنجا پرين،
خوبصورت روپ دل کي، تنهنجي ئي چاهت ڏنا.

خزان جي درد جي موسم وَسائي مون اندر ۾ آ،
اداسي ئي، ڇڏيو جو تو، رَهائي مون اندر ۾ آ.

نہ پالهو ڪوبہ پَلُ آهي، جدا ٿي تو، اکين بدران،
سدائين نهر لڙڪن جي، وَهائي مون اندر ۾ آ.

سندءِ تصوير جي هوندي، ايامن ڪان زماني ۾،
انڌيرو آهہ چوڌر پَرَ، سهائي مون اندر ۾ آ.

غمن جَڏِ موتُ ويجهو ڪيو، اوهان جي خوشگواريءَ جي،
فلم سا ٿهڪڙن جي تَڏِ، هَلائي مون اندر ۾ آ.

هميشه بس امڙ لولي، سنائيءَ جي ڏني آهي،
رهي تڏهين ڪشادي ٿي، ڇڳائي مون اندر ۾ آ.

⁜

ڪِتان هو خواب ڪنيو ۽ ڪِتي پُڳا آهيون،
لڳي تو ڪَڪ جيان ڄڻ هَتين هَوا آهيون.

سڄي ئي رات آ ڳوڙها ۽ ڏينهن آ ماتم،
پُڄاڻان پِرتِ، صدين جي اِها سزا آهيون.

سدائين چاهہ تي چڪور ڄهو چنڊ اسان،
اُڏي گهڻو ئي متي پنڌ ۾ مُئا آهيون.

ڪئي جو عڪس سندءِ جي تلاش آهہ جِتي،
اُتي ئي تِڙِڪي ٻَڻِي آرسي ٽُٽا آهيون.

ڦُٽو نہ ڪو ٻہ سلو پيار جو اوهان دل ۾،
ڪڪر گهڻا تي توڙي تو متان اُنا آهيون.

چنڊُ بيچين، تارن کان پچندو رهيو،
تون ڪٿي آن؟، نظارن کان پچندو رهيو.

ٺهڪ ٺرجي ويا جن، وڇوڙي هٿان،
تِن جا ڏَسَ، اوڇنگارن کان پچندو رهيو.

پيارَ جا پارَ ۽ يارَ، ويا ڪٿِ اُڏي؟،
سانت سيني ڪِنارن کان پچندو رهيو.

ڪيئن خزائن هِتي گلستان قبض ڪيا،
هر قدم گُلَ بَهارن کان پچندو رهيو.

ڇو اوهان جي پيلا عشق جي مات ٿي،
ڪاريُن جي مزارن کان پچندو رهيو.

معصوميت معمارَ تي رهجان،
جيون سارو ڀارَ تي رهجان.

دل ۾ سڀ لئہ ڏرتي بڻجي،
ممتا جو ڪردارَ تي رهجان.

ٻچين ٻدران سهڻا سائين،
هر هينئين جو هارَ تي رهجان.

دلين تر تي بادل بڻجي،
سانوڻ جو وسڪارَ تي رهجان.

ماڻهن لئہ يَرَ، سک جي سرهن،
ساهن جو سالارَ تي رهجان.

محبت ويرن ڪارڻ هر پل،
وڄ جو ڦهري وارَ تي رهجان.

هيڻن جي جرئت جي منزل،
وک وک تي هالارَ تي رهجان.

⁜

هـر سـاهـہ ۾ آڙاهـہ تـي هـو سـاڙ تـي ويـو،
وَسُ ڪـوبہ هـلـيـو ڪـو نـہ، مـونـڪـان ڏاڙ تـي ويـو.

لـمـحـو اهـو پـتـو نـہ پـيـو پـيـاڙ هـتـارئـون،
ٿـهـڪـن مـان ٿـتـي اوچـتـو اوچـنـگـاڙ تـي ويـو.

صـديـن پـجـاڻـان راهـہ ۾ مـحـبـوب مـلـڻ سـان،
جـڻ چـيـٿَ مـلـي واءُ سـان، مـهـڪـاڙ تـي ويـو.

تـي يـاڙ، جُـدا تـوڪـان لـڳـو ايـئـن هـر پَـهَـرُ،
هـر قَـٿَ مـتـان لـوڻَ جـان، آزاڙ تـي ويـو.

سُـهـڻـو تـہ اڳـيـئـي هـو لـڳـس عـشـق جـذهـن ڪـان،
هـڪـڙو نـہ، سـويـن سـونـهـن جـا سـنـسـاڙ تـي ويـو.

منهنجي لڙڪن جي درياهہ ۾،
تَرُ اَچي، ٿَهَڪُ، ٿي ساهہ ۾.

پيرَ اُسَ تا سڙن خوابَ جا،
ٿي ڪَڪَرُ، برس تون راهہ ۾.

روشني آ ڪُٺَلَ هر قدم،
پيارُ اڄ ٻي آ اونداهہ ۾.

پَنَ سُڪَلَ هِن وَڻَن جا سَيئي،
ڇانوَ ڪاٽي آ وٽراهہ ۾.

ڪا، نہ تعمير لئہ سوچَ آ،
سڀڪو مصروف ٻَيجَ ڊاهہ ۾.

خواب ساپيا ۾ لُڏي ويا آهن،
تهڪ لڙڪن ۾ ٻُڏي ويا آهن.

باهه ٻرندي ئي راتِ ۾ ان ڏي،
پتنگَ ٻي جهَل تي اُڏي ويا آهن.

علم وارا ٻمن جي دنيا ۾،
تي سي ڪاتي ڪا مُڏي ويا آهن.

عشق اکين ۾ اَڙائي اَکِ، سِرَ،
اڏِن ڏي اج يي ڪُڏي ويا آهن.

اک پتي قومون اتي جي ٻينيون،
ڪوٺَ صدين جا ڏُڏي ويا آهن.

جو نيڻن جو ستارو هو،
حياتيءَ لئه اندارو هو!

سفر ۾ ساڻ هو ليڪن،
سنڌوءَ جو پيو ڪنارو هو!

تتل شهتيرُ جڻ چِتِ جو
ائين منهنجو سهارو هو!

نه سُرمو سونهن مون بڻيو
رئڻي جڻ هُئو پُهارو هو!

رڳو سُکَ يادِ جي غَم جي،
سهاري تي گُذارو هو!

عمر يَرِ پنڌُ اوندهه جو
نه پَلُ پي ڪِتِ اُجارو هو!

اوهـان جـي اکـيـن ۾ نـــ گـهـرڙو نـهـيـو
ٽـٽـي خـواب شـيـشـي جـان پـرزا ٿـيـو!

مُـکـو نـيـنـهـن نـيـاپـو هـو تـوکـي، لڳـو
سُـــکــــل پَــــنُ هـــوا ۾ اڏامـــي ويـــو!

نـظـر سـاڻُ گـهـايـل جـنـهـن کـي کـيُـئـي،
صـديـن تـائـيـن جـيـون ۾، ڦـٿـکـي پـيـو!

انـهـي ڏک حـيـاتـيءَ کـان سـک آ کـسـيـو
کـڏهـن تـوجـو مـونـکـي نـه پـنـهـنـجـو کـيـو!

پُـڄاڻـان اوهـان جـي، بـــ مـحـبـت جـو سـو
بَـري دل جـي جـاري ۾ پـيـو ٿـو ڏيـئـو!

جيئن تنهنجي تات آئي،
اکئين، منڊ برسات آئي.

ننڊ پيتو ڏينهن کي ڄڻ،
ٻوڙندي اُتِ رات آئي.

وڄ وراڪي روپ ڌاري،
شاعريءَ ڏي ڌات آئي.

ڪُڪُڙ ڪَچَ ۾، ڀُنئِن، جهالت،
هارَ پاتا، مات آئي.

پيلڙي تي اڄ بہ سُهڻي،
واڳُن جي وات آئي!

تو پُڄاڻان پير پائي،
گهر نہ مون پريات آئي.

احساسن کي روئڻ ڏي،
وشواسن کي روئڻ ڏي.

تاندبن گل چڏيا ساڙي،
گلدانن کي روئڻ ڏي.

ٻوسٽ جي طوفانن ۾،
تون ساهن کي روئڻ ڏي.

حيوانن جي دنيا ۾،
انسانن کي روئڻ ڏي.

منزل ٻوڏن منجهه لُڙهي،
هَڙَ چارن کي روئڻ ڏي.

وَسُ ناهي جَڳُ ناهڻ ڄڻ،
لاچارن کي روئڻ ڏي.

his intensity of love and art of expression are matchless. I believe that in Sindhi Literature, Muhammad Ali Pathan's contribution will be felt for all ages to come. He is a great poet, continuity and echo, I have heard among the list of the past to the present and without his recognition there is less to welcome.

Prof. Muhammad Hashim Solangi

* *The Hilsa or sable fish (Clupea Alosa).*

T.S Eliot in his Tradition and Individual Talent talks about the European Literature as a continuity from the past to the present; same is the case here in Sindhi Literature; and Muhammad Ali Pathan is the echo of such continuity.

Muhammad Ali Pathan's pathos and cries reflect his deep incisions that he received in separation from his beloved. I think poetry is the art that is exquisitely and artistically created and composed in the tragic separation from one's beloved.

Here, in Muhammad Ali Pathan, there is a strange affinity between the classic poets as Bhittai, Hamal Faqir. Their pains of incision and separation, causing perforation, pronouncing wailings, heard far and wide, harbour in mind and heart of Muhammad Ali Pathan:

The incision of his heart seems as if hilsha* fish were incised:

*The life to live after looks as if it were death itself!*
*It looks death, O friends! The whole life was death itself!*
*Separate me not from you ever, O not even for a moment ever!*
*Separate me not from you absolutely, O separate me not even for a moment ever!*
*Rest ever your head, O my Beloved on my shoulder ever;*
*Rest ever your neck and head O my Beloved on my shoulder ever!*
*Then, walk along in a bashful way, O proudly, on the earth!*
*Then, walk along foot by foot on the mother earth,*
*for such gait you shall go and reach your destination in a minute!*

This wonderful thirst for one's sweetheart swells in his rapturous thoughts. It was a great aesthetic pleasure, caused by genuine love, which a reader recites only from our great classics such as Bhittai and Ayaz. Muhammad Ali Pathan's pathic appeal penetrates deep into our heart;

# THE FLAME OF LOVE!

I have gone through a number of poets in the recent times but Muhammad Ali Pathan is among a very few Sindhi poets who look to be burning ever with a flame of love. He is one of the romantic poets who is remarkably unique in his choice of form and content. His choice of the diction is actually an artistic craft where he stands matchless. The rhyme and rhythm in his poetry run with a natural flow. His talent is displayed in all directions, in almost all major genres of literature but I am mainly concerned here with his Manzar Mahikay Tho.

Muhammad Ali Pathan is a fertile genius and looks to be living and breathing through composing his remarkable poetry with great zeal and enthusiasm. In one of his couplets, he reflects the jealousy of people to the heights. They try to make his world desolate, yet his thirst is intensified to muse. His thoughts reflect the oceanic love where re-union of the two souls takes place, merging them into oneness:

*Increasing love in ourselves as extended as the oceans*
*Extending as the ocean, it will be increasing in every breath!*
*One who has created life out of the pairs to be one*
*Wish it might not turn away,*
*O the season is looking above rainy!*

....

*How shall we be separated ever at whatever the step from ourselves?*
*The reflections of love themselves*
*reflect in each and every moment in our lives!*

